ولولو ءِ ووک

استاد بخاري

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

جي لهوارو لوڪ وهي، تون اوچو وهه لوپار

صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488

ولولو ۽ ووڪ

شاعري

اُستاد بخاري

روشني پبليڪيشن
ڪنڊيارو
1996 ع

Soorih Mirani

Roshni Book No. 87

ولولو ۽ ووڪ"

ليکڪ، استاد بخاري

پهريون ايڊيشن © جنوري 1994ع

ايڊيشن ٻيو: © روشني 1996ع

ڪمپوزنگ، (بشير احمد جمالي ڪمپيوٽر آپريٽر)

لي آئوٽ، (سڪندر نقوي "جهانيان")

عبدالبرادرس، ليزر ڪمپوزنگ سينٽر، حيدرآباد سنڌ.

ڇپيندڙ، سهيل آرٽ پريس، ڪراچي.

ڇپائيندڙ، روشني پبليڪيشن، ڪنڊيارو، سنڌ.

قيمت: 80.00 رپيا

ٽائيٽل ڊزائين

عبدالرسول عباسي

VALVALO AIN WOOK

Sindhi Poetry by: Ustad Bukhari

Cmposed by Abdul Brothers, Laser Composing.System, Hyderabad.

Printed by Suhial Art Press, Karachi.

Published by Roshni Publication, Kandiaro, Sindh.

First Edition © January 1994.

Sec: Edition: © Roshni 1996

Soorih Mirani

آفاقي آواز بخاري

غلام چانڊيو، دادو ضلعي جو هڪ ننڍو ڳوٺ آهي، جنهن جي چوطرف ساوا ڪيت آهن. هتان جا ماڻهو گهڻي ڀاڱي سادا، سڀاجها ۽ اندر جا اُجرا آهن. سندن مَنَ مکڻ وانگر، پر هٿ سخت ۽ چهرا پڪهريل آهن.

هتي جي سَرن ۽ ڪانهن جي ٻوڪن کي ٻـ پنهنجي سونهن آهي. ساوا ڪيت، انهن ۾ ويڙهل اڇا ٻکهه، موڪَن جي ٻَن سان جڏهن سَر نِسري، ويندڙ اونهاري جي هوائن ۾ جهومڻ لڳندا آهن تہ يادُن جا طوفان برپا ٿي ويندا آهن. ڪُنگبوءِ جون ڪَڪوريل تاريون، ٻَيَرن ۽ نِمَن جو ٻوُر، تالهين جو چانئُون، مال جي چَرَن ۽ لارَ جي موسيقي، راتُ جي خاموشيءَ ۾ اُنن جي جنگهن ۾ ٻَدل گهُنگهرن جو آواز، چانڊوڪيءَ رات ۾ اُنن جون قطارون، جتن جا وَرلاپ- ۽ جڏهن سرنهن ڦلاربي آهي تہ چيتي چنڊ آڪاش جي ٻانهن مان ڇڏائي ڌرتيءَ ڏانهن ڊوڙندو آهي ۽ هِن مِٽيءَ کي سجدو ڪري سِنڌوءَ جي لهرن ۾ پينگهہ لڏندو آهي.

هن جي اوير ۾ سنڌ جو ساهہ سنڌو درياهہ آهي. مست، پورالو- ٻوَر پويس تہ ڪنڌيءَ جا ڪانهہ سُڪائي ڇڏي، آرَ اچيس تہ ڳوٺن جا ڳوٺ ٻاڻي وِجي- موجون، مانار، ڪنارون، ٻتيلا، ٻيڙين تي سِڙهہ ۽ ملاحن جا دريائي گيت....

استاد بخاريءَ پورهيتن جي ان ڳوٺ ۽ سونهن جي انهيءَ سنسار ۾ جنم ورتو. ڪنهن کي خبر هئي تہ امڙ اُمراءِ جو اهو احمد شاهہ، جيڪو اسڪول کان موٽندي، ڦرهي ۽ ڪتاب ڪَڇ ۾ ڪيون، ٻاراٽو گيت ٻاتي ٻوليءَ ۾ "منهنجي امڙ، منهنجي امڙ" جهونگاريندو ايندو هو، سو وڏو ٿي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جو سگهارو آواز ٿيو ۽ هن خطي جي سڃاڻپ ٿيو! جنهن جو هٿ سائين حاجن شاهہ جي چيچ ۾ هيو، سو عظمت جو اهو منارو ٿيو، جنهن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ نسل پنهنجو رستو ڳولي منزل ڏانهن وڌندو! سندس قلم مان گلاب ڦٽندا ۽ گيتن جي خوشبوءِ پکل گدري وانگر واٽهڙن جي روحن کي واسيندي- هي جيڪو ڀتر سان صوفي ٻير چاڙهي رهيو آهي، صبحاڻي قومي محاذ تان پاڻ ۽ پاڙهيرين جي سِرن تي لفظن جا تير وسائيندو!

Soorih Mirani

استاد بخاريءَ سنڌ جي وِڪريل ٻوٽن ۽ ثقافت کي ٻموهي سِٽن جو روپ ڏنو. ان ڪري ئي استاد جي شاعريءَ ۾ برسات جي ڦهرين ڦڙين تي اُٿندڙ ڪچي ۽ ڪاچي جي مِٽيءَ جو مهڪاءُ آهي!

سندس شاعريءَ جي البم ۾ ڊِين سان ڍڪيل پيچري ڪان وٺي، آڪن جي ڦلڙين، ڪنول جي گلن، درياهه جي لُڙئي پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين جي اڇن سِڙهن کي ڇُهندڙ چنڊ جون تصويرون آهن، جن ۾ پورهيت جي پگهر ۽ محبوب جي مُرڪن جي مهڪار آهي.

سائين بخاريءَ شاعريءَ جي گَجَ تي وڏيءَ محبت، محنت ۽ ڏانوَ سان آجهل احساس، اُمنگ، مُوسيقيءَ ۽ اميد جا شيشا ٽاڪيا آهن، جن ۾ هر پڙهندڙ پنهنجو پاڻ کي پڙهي ۽ پنهنجون سوين تصويرون ڏسي سگهي ٿو. سندس شاعري، سنڌ جي تهذيب، ثقافت جو آئينو ۽ سنڌي لفظن جي کاڻ آهي. تڏهن تہ مرحوم فقير محمد لاشاريءَ کيس سنڌي ٻوليءَ جو "انسائڪلوپيڊين" لکيو آهي. سندس هر لفظ ۽ خيال، احساس جي تارُن کي ڇُهندڙ، جهرڻن وانگر شفاف، سولو، سوڌو ۽ فطري نظارن وانگر وڻندڙ آهي. هن جي شاعريءَ جي جَڙ زمين ۾ آهي، پر ان جي پاڪر ۾ زمين ۽ آسمان اچي ٿو وڃي:

اُمنگن کي استاد آڻ جهل ڪري ڇڏ،
ٻيا حُسن جي دل ۾ هلچل ڪري ڇڏ،
نچي هر نظارو، هو تارو، هي ٻارو،....

مان ٿي اُٿليو ويس، تو ڪنارو ڏنو،
هي تو سوڙهو ڪيو، يا سهارو ڏنو!
زندگيءَ جي طوالت جو تَتُ ايترو،
يا تہ جهاتي وِڌي، يا تہ جهارو ڏنو!

بخاري صاحب جوين جي جلترنگ تي خوشين جا گيت ڳاتا، جن ۾ گهڻو ڪري جهُومر ۽ جرڪار هو. لوڇ ۽ لوچ هئي، آدمن جي اوت ۽ جذبن جي جوت هئي، پر پيڙا جي پچار گهٽ هئي. ڇو تہ هو حُسن ۽ هَٻڪار جو شاعر هو. هو جهوُمي جهونگاريندو هو تہ:

چيٽ مهينو ڏينهن جهڙالو،
پيءُ پيالو، پيار پيالو!

هن جي دل ۾ پيار جو سنسار هو، جنهن کي هو ڇڏڻ لاءِ تيار نہ هو.

هائي تہ پيارَ يار بخاري ڇڏي بہ ڏي،
جيون ڪان تو جهانَ ڇڏايان، نہ تو ڇڏي!

پرَ جڏهن درد سندس دل ۾ ديرو دمايو تہ هو سراپا سُور ٿي ويو- هن جي گيتن ۾ جنگ ۽ محبت گڏجي پيا. هِن پنهنجيءَ محبت جوَ رخ هڪ فردڪان مٽائي قوم ڏانهن ڪيو- ۽ سندس محبت جو درياهہ محبوب جي پاڪر مان ڇڏائي قوم ڏي اُٿلي پيو.

منڇر موجون ڪيسيتائين؟
قوم بخاري جيسيتائين!
جُهوم جهڪيرو، سوچ سوالو.

سچي عُمر سُور، جيون سائي ٿي رهيو،
پنڌن سان جيئڻ پيچرو، پيرَ سان جِئڻ پور،
پرڻ تائين نُور، نرڻ اوندهہ، اوجهرو.

نہ ڪَل وڻ ڪي ڪوئل ڪري چو ٿي ڪُوڪُون،
نہ تو گيت سمجهي، قَتيل دلِ جون ڦوڪُون،
توکي سُور پنهنجا، مون کي پُور پنهنجا.

استاد بخاري هڪ ڪهنمنڊ ڦرندڙ ادارو، ۽ علمي لئبرري هو، جنهن وٽ ڏات، ڄاڻ ۽ تجربا هئا. چوندو هو: "ماڻهو عُهدن ۽ دولت، جي اچڻ ڪري مٽجي ٿا وڃن تہ حيرت نہ ٿي لڳير. حيرت ان ڳالهہ تي ٿيندي آهي تہ فلاڻو ماڻهو هيڏي عُهدي يا دولت اچڻ ڪري، اڃان نہ بدليو آهي!" هن تجربن جي سختي ۽ حياتيءَ جي ڪوڙاڻ کي حڪمت سان ماري اُن مان مفيد ۽ حيات بخش نسخا لاهيا، جن ۾ زندگيءَ جو فڪر ۽ فلسفو آهي. "ڪوڪڻ يا ڪلياڻ" جي مهاڳ ۾ سائين سراج لکيو آهي تہ: "استاد تجربي

جي انهن سرحدن کي ڇهڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪئي آهي، جتي شاعري پيغمبري بڻبي آهي.“

سچ ته سندس هر گيت سدابهار آهي، ان لاءِ چند مثال ڪافي نه آهن- ۽ هر شعر وري وري پڙهڻ ۾ نئون لطف ۽ معنيٰ جي گهرائي ظاهر ڪري ٿو.

عجيب انسان آ، دل ۾ ڇيو داور،
فرشتا روبرو ته به ساهه سنگت ڏي!

هيو هميشه هي استاد آئينو تنهنجو،
الائي ٿنهنجو انهيءَ ڏي ڌيان هو يا نه؟

مان اهڙو ڪتاب آهيان، صديون جنهنجا صفحا،
هڪ دَور نيي ٿو، ٻيو پڙهي ٿو مونکي!
هو ڏانهن رکو ڪانڌ مُکي آسامي ءَ،
هيڏانهن سچو ڏيهه سڏي ٿو مونکي.

پنڌي هلي پيڙ، گهاٽو گهمي هانو ۾،
اندر ليڙون ليڙ، ٻاهر ڀهريون نئون وڳو.

جڏهن ڪينسر سندس زندگيءَ جا سونا ڏينهن هٿن مان کسڻ ٿي ويو، تڏهن به ڪيس پنهنجي حياتيءَ کان وڌيڪ ذات جي ان خزاني جو اونو ٿي پيو هو، جيڪا وٽس قومي امانت هئي. زندگيءَ ۽ موت جي ڀوائتي تي بيهڻ جي باوجود ڪيس موت جو ڊپ نه هو، ڇو ته هن زندگي، اهڙيءَ ريت گذاري هئي، جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ پڇتاءُ نه هو:

متان اوچتو موت استادَ گهوگهي،
به ٽي ٻولڙا ٻوليو ٿو وڃان!

مان ڏسندو هوس ته سُور جي شدت، هيڻائيءَ ۽ اوجاڳن جي باوجود هو لکندو رهندو هو. ڪا گهڙي ڪيس جهپ ٿي اچي وٺي ته وري ساڳيو سجاڳ ٿيو، زندگيءَ سان ساٿ ڏيو بيٺو هوندو هو. مون سان مخاطب ٿي فرمايائين ته: ”مون جو ڪجهه لکيو آهي، اها ڌرتي جي امانت ٿو سمجهان،

Soorih Mirani

جيڪا قوم تائين پهچڻ گهرجي. آءٌ لطيفي سٰاٽ ۾ ٻين ساهتڪارن سان شامل آهيان:

ساقي ڀلي سجڻ ٿئي، مان سات جو سڱوٺي،
سرواڻ هو سهي، آئون آڌار ٿي پوان!

ڊاڪٽر تہ آرام لاءِ چون ٿا، پر جڏهن ڀٽائيءَ جو اهو بيت:

ڪهي جا ڪنيائين، وِڪَ تنهين ويجهي ڪئي،
ڇڪي ڇنائين، پنڌ مڙيوئي پبَ جو.

اڪين آڏو تري ٿو اچير تہ، هڪ ڏڍَ ملي ٿو وڃي ۽ اٿي، ليٽي، سٽي، ڪنهن نہ ڪنهن صورت ۾ پاڻ ئي ادبي ڪم ڪي اڳتي وڌايان ٿو."

اُستاد جي مسلسل محبت ڀريءَ محنت، درد مند جذبي ۽ عوامي انداز جي اظهار واري شاندار ٻولي ۽ مٿانهين سوچ جي ڪري اڄ سموري سنڌ ڪيس ڀٽائيءَ کان پوءِ وڏي ۾ وڏو عوامي شاعر قرار ڏئي چُڪي آهي.

هو ڏاڍو پيارو ماڻهو، پُر عزم، خوددار شخص هيو. هو گلابن کي ڇُهڻ لاءِ جُهڪي پوندو هو، پر ڏاڍ آڏو ڏونگر هوندو هو. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي صاحب کين "هڪ تحريڪ، پر اعتماد ۽ باوقار جذبي سان ڀرپور . شاعر" لکيو آهي.

شيطان ڇا، يزدان کي شڪايت آهي،
ڪنهن جي بہ اڳيان ڪونہ جُهڪي پيو آهيان.

هن جي محبتي طبيعت جي ڪري ڪيترائي دوست ۽ پڙهندڙ هن سان ڏاڍي محبت ڪندا هئا. طبع پُرسيءَ لاءِ ايندڙ ڪيترن دوستن کي مون رئندي ڏٺو. پاڻ بہ لَکيءَ جي چشمن وانگر آدمجي پوندو هو. هن جي بيتن ۾ باهيون ٻريل هونديون هيون، پر فطرت ۾ ڌرتيءَ وانگر مهربان هو. سندس مثبتِ ڪردار جي ڪري، عوامي سطح ٿي ڪنهن بہ ڪانئس منهن نہ ڦيرايو.

بخاري صاحب جي شاعريءَ جون سٽون، زخمن ۽ مُرڪن، زندگيءَ ۽ موت جي وچ مان ڦٽي موتئي جي ٻوٽي وانگر جهومي رهيون آهن؛ جن جو اکر اکر اهڙو ترنم ۽ اهڙي موسيقي پيدا ڪري رهيو آهي، جهڙي ڪير جا

ڳوڙها سانڍيءَ ۾ پيدا ڪندا آهن.

عُمر تائين آءُ، تاڻيندو تو ڏي رهيس،
اَنان پوءِ آپاڻ، قبر ۾ ڪهـڙو ٿئي!

ويندي ويندي تو، ڇو ٿي تڪيو پوئتي،
ڪُهندي ڪهندي ڇو، ڪاتي روڪي تو ڇڏي!

هن ڪتاب "ولولو ۽ ووڪ" ۾ مترفقه بيتن مان اڪين ۽ هٺن وارا ۾ چار بيت اهڙا آهن، جيڪي ڪجهه سِٽن جي تبديليءَ سان "ڪوڪڻ يا ڪلياڻ" ۾ آيل آهن؛ ڇو ته فنڪار جڏهن وٽانئس ڪلامن سان گڏ بيت به ڪندا هئا، تڏهن تقاضا ڪندا هئا ته، انهن بيتن ۾ پنهنجو نالو به وجهو- ان ڪري تبديلي آندل بيت وري هت به ڏنا ويا آهن. اها به بخاري صاحب جن جي پنهنجي ئي ترتيب آهي. مـثـال طور، رڳو هڪ بيت ڏجي ٿـو، جو "ڪوڪڻ يا ڪلياڻ" ۾ هيئن آهي:

هٿ ۾ ڏيئي هَٿُ پرين، ڏاڍو ڏي ڪو ڏڍُ،
وهيو ويڙي وقت ڏئي، وَڍن مٿان وَڍُ،
ڪرٽ مٿي مان ڪَڍُ، واهر ڪر ويجهو اچي!

ساڳيو بيت هن ڪتاب ۾ به ڏنل آهي. پر ان جي وچين سِٽ هيئين ريت آهي:

ڏڪُ بخاي‍ءَ ڪي ڏئـي، وَڍن مٿـان وَڍُ.

اڄ استاد بخاريءَ جي مِٽي مِٽيءَ سان وڃي ملي آهي، سندس وڇوڙو وڏي اداسي ۽ خال ڇڏي ويو آهي. سائين حاڪم علي شاه چوائي ته: "فطرت پنهنجو نيم نه بدليو، لنڊيرڻ جو ساٿ هو، جو ٽٽي پيو."

سندس اربيلي شاعري، سڏڪي سڏڪي سندس ڳهتيءَ ۾ سمهي پئي آهي. سندس تربت جي سيرانديءَ کان بيٺل ڪجيءَ جي وڻ مٿان ڳيتن جا ابابيل آڏامي رهيا آهن. هو جسماني طور اسان کان الڳ ٿي ويو، پر هڪ نه سُندرُ ادبي ۽ روحاني رشتي ذريعي اسان سان گڏ آهي. سندس آفاقي شاعري اسان لاءِ مشعلِ راهه آهي، جنهن جي خوشبوءِ سدائين روحن ڪي واسيندي

رهندي. استاد بخاري جڳ جڳ جيئندو، ڇو ته هو انهن ماڻهن مان هڪ هيو، جيڪي دلين ۾ ڇمي ويندا آهن. بقول محترم عبدالواحد آريسر جي ته: "اسان سان استاد جي زندگيءَ ته بيوفائي ڪئي، پر آخري گهڙيءَ تائين هن جي ذات ۽ سنڌ سان سندس ويساهه پاڻ نڀايو. سنڌ جي ذات ـ ڪيتر ۾ استاد، واحد شاعر آهي، جنهن موت جي بستري تي زندگيءَ، محبت، سچ ۽ سونهن سان ڀرپور گيت لکيا. ۽ سنڌي ماڻهن جي مَن ۾ آزاديءَ ۽ اُميد جا خواب پوکيا- ۽ جڏهن اهي خواب پُوريا، ڦُريا ۽ ڦُولاريا، تڏهن هو ضرور سِتارن جي جُهرمٽ ۾ مرڪندي پنهنجي سنڌ جي سونهن پَسندو!"

علي دوست عاجز
فريد آباد، ميهڙ، دادو، سنڌ.
25-9-1993

ولولو

ء

ووك

بيت

گجگوڙون گهمسان، پانيم نغما نينهن جا،
ڳايم ڳڙي مينهن ۾، عشق جا احسان،
طوفان ئي طوفان، استاد اتم زندگي!

O

جيئن هٿ ڏٺي، ائين ڏنجهه ڏکن جو،
مُنيون مون ٻه گهٽيون ڏٺيون، مون جيئڻ ڪاڻ،
مُٺي، جاني ريءَ استاد ڪان، جيوت آهه،
رئي ڪُٺي آس، ٻُٺي، جوڙي عشق اميد ۾!

O

سر ۾ ٿانڊا سير، ساڙن ٿا سِگرِيءَ جيان،
مُنهن ۾ مرڪ ڪتان اچي، دل ۾ پڙڪا ڍير،
ڪاريهر تي پير، پوءِ ٻه ٻخاري پنڌ ۾!

O

ڳوٺين ڪان ڳورو، سر تي سور ڪنيون وتان،
هير ٻٽيو هلندو وتان، سڳنڌ جو گهورو،
سهٽو، سدرو، ايرادو استاد جو.

O

پکين سان اوريان، باهه ٻخاري هانءَ جي،
ڇهنبون چورن هو ته مان، سورن ڪي سوريان؟
ڏکين سان ڏوريان، ماٺهو جيڪي ماڳ جا.

O

ساڙي ساندهہ سور، بخاريءَ کي باھہ ۾،
جاني جان پڇي ائين، جئين نانُ تنور،
اڪين منجهہ انبور، پوءِ بہ ساربان سونهن پيو.

○

ناهہ، نهي نہ پهہ، ساعت ماڻ صديون ڪري!
اوندهہ اڳيان پوئتان، چار گهڙيون ڇهہ پهہ،
سڪڻ سان ساندهہ، زنده رهہ استاد تون!

○

ايسين ايندا سين، جيسين ساهہ سرير ۾،
جيڪي جوتون جيءَ ۾، ڏوري ڏيندا سين،
واسيو ويندا سين، پاڻ بخاري پيار ۾!

○

خوشيءَ ۾ ڪامڻ، ڪنهن ڪان پڄندو ڪين ڪي،
اڳيان تو استاد ڇو، لڳي اجهامڻ؟
واڄ بنا وامڻ، ڪندو ڪهڙو ناڪئو؟

○

خدا ڪندءِ خير، انهيءَ جوين جند ڏي،
طلب آ ترسي پئو، سيان ڪجانءِ سير!
رات ڪرايو وير، الفت جا استاد کي!

○

اچي هيٺ پکي، سچي ڪر استاد سان،
هوندي توبہ ڪچي پکي، ڪنهن سان پريت رکي،
چپن جهڙي چهنب سان، چا تو چَسُ چکي!
ڪٿي ساک سکي، توڪان منهن تہ متي نہ وئي!

○

اُيانِ اچي پون ۽ ڪي، پاڪر پنائي اُسَ،
پاسي ۾ ڪهڙي ٿهي، تنهنجي مون سان رُسَ،
بخاريءَ جي ٻُسَ، ويهي يار ڪري وئين!

○

منهنجو نالو نينهن، منهنجو پاڙو سونهن ٻسان،
پيو ٿو يار وسائيان، ماڪ ڇٺو يا مينهن،
رات هجي يا ڏينهن، بات بخاري سونهن جي.

○

منهنجو نالو پيار، منهن جي ذات محبتي،
اوتارو استاد اٿم، سونهن پريو سنسار،
اصل ڪان آڌار، اٿم وڏو عشق جو.

○

منهنجو مذهب ڏار، دنيا جي دستور ڪان،
استاد اندر سانديو، سونهن پريو سنسار،
جنهن جو نالو پيار، تنهن جي پوجا پئي ڪبي.

○

منهنجي ساجهه سِڪَ، منهنجو سعيو سونهن لئه،
اندر ۾ استاد چئي، لَڄَڻُ کهڙي لڪ،
چولي چولي چڪ، اَڏي چوڏهين چنڊ ڏي.

○

چميو چاهه چپن کي، پهر ٻه گذريو پل،
پر جي هڪڙو پل، قطرو ريت تتيءَ تي.

○

ڳاڙها تنهنجا ڳل، جهڙا شفق سوجهرا،
مرڪي ڏين، چمڪي پون، دلبر نارا دل،
اڱڻ تي استاد جي، حسن جي هلچل،
جهومن ٿا جَل ٿَل، مليون عشق مبارڪون.

○

سهڻا تُنهنجا ساهه، سرها صبح هير کان،
مٺا ماکيءَ کير کان، چوڻا تُنهنجا چاهه،
استاد احمد شاهه، ماڻيون تُنهنجون محبتون.

○

وينگس تنهنجا وار، ڪڪر ڪاريءَ اُس ۾،
دلبر مُنهنجا دل گهريا، جهڙا مينگهه ملهار،
هميشه هانءَ ٺارُ، ساٿ بخاري سونهن جو.

○

وڻ وڻ اٿــي آهــ، در در دڪــي آهــ،
ٻُونءِ بخاري ٿيَ وئي، آهــن جا آڙاهــ،
ملڪ سڄوئي معرڪو، جوڌا ۽ جنگاهہ،
پاپي ٽيندا پاهہ، ڦهري ڀرندا ڪائيون.

○

تن ۾ جا طاقت، سڀ بخاري ٻونءِ جي،
”مران مران“ مات نہ ڪان، اها اشرافت،
اهمہ عبــادت، اٿــم ورد وطــن جــو.

○

رت ڳلابي رنگ، مارڳ ڪي ملجي ويو،
عجابي اسـتاد ٿيو، آئيـندو انگ انگ،
جيسين دنيا دنگ، تيسين سورهہ سرخرو.

○

ڇهري تي ڇهہ ڀهہ متي، اندر هو ادڪو،
الاڙي اسـتـاد ڪـي، عيـشـن ۾ الـڪـو،
خوشين ۾ ڪنڪو، ٺهڪن ۾ سڏڪو سٺو.

○

اوڪو راڄ رُسڻ، سوڪو ٿاج تپي بہ جي،
جُهرڻ ڪان استاد ڇئي، ڪوجهو آهہ جهُڪَڻُ،
گهورڻ وقت گسڻ، ڪونڌر جاٺن ڪين ڪي.

○

* تاج تپڻ = حڪومت جو ناراض ٿيڻ

محبت تي موڙي وجهي، رستم، رهزن، رُڪ، ڙنگا،
ارڏا، ائنتڙا، تانگهہ بنايا تُڪ،
سياڻا، سمجهو سُڪ، استاد آهن عشق ۾!

○

هوڏانهن مام ميار، ڪاٺيارن کي ڪونجي،
کهڙي ليکي موڪجي، هيڏانهن هور هزار،
بخاريءَ تي بار، ادا! عشق وڏا وڏا.

○

ساجهر ٿي ساٿي، ڪوهياران آيو ڪهي،
الا ڙي! استاد ويو، ڇا منجهان ڇا ٿي؟
پنيوران پاتي، ويري رات ونگي ويا.

○

پاڇو چنڊ، چراغ، چهرو تُنهنجو ڪهڪشان،
سمجهيم سُورج سوجهرو، دلبر تُنهنجو داغ،
روشن دل، دماغ، اوندهہ ۾ استاد جو.

○

ڏرو ڏوهاري، پيليو ڇوٽا پونءَ ڪي،
تپي ٿي تر جي پٽي، ڦهري ڪوٺاري،
بخاري پڙڪيو ڇوي، ڪنبو ڦهلري!
تربو تاتاري، ڪرڙين جيٺن ڪٺاهہ ۾.

○

ڪنهن سان سور ڪيان، ڪنهن کي ٻڌيان لوچ مان؟
بخاري ڪنهن ٻاهر ۾، پيو ٿو آءٌ پچان،
ساڙي هاڻ هٿان، "پاڻي پاڻي" چو ڪريان!

O

پيار بخاري پل، مشورو ماٺهن ڏنو،
پرزا ٿي پوندين چريا، ڌهڪي چيو دل!
مون چيو مشڪل، جاني عشق بنا جيان!

O

عشق وڏو آڌار، عشق وڏو آزار آ،
حسن نازي هاڻ ٿو، حسن نيڻن نار،
بخاري بيزار، اصل ناهي عشق ڪان.

O

خوشبو تُنهنجا خط، هوا پانڌياڻي ڏئي،
تورڙ تني استاد تي، ڏاڍا تُنهنجا ڏتَ*،
جرڪائي جيوت، مرڪائي مون کي چڙيئي.

O

تو وٽ شوخ شباب، مون وٽ عشق اُتامرو،
اجهو ٿو استاد ڪو، اٿي انقلاب!
تنهنجو منهنجو تاب، چئني پاسي چمڪندو.

O

* ڏت = وڏا احسان

نفرت آ نافت، ڪاوڙ ڏول ڪڏي چڙيو،
آ‌ۃ مجان استاد تو، محبت آ ملڪيت،
جانيءَ ريءَ جيوت، مانيءَ ٻن جيئن ماڻهپو.

○

خوشين چوهہ جتي چڙيو، اتي گڏيم غم،
گذريو مهنو حج جو، منهن ڪيو محرم،
عيدون ۽ ماتم، بخاريءَ جي دوبدو.

○

عرض اگهائج هيءَ، اجاري استاد جو!
مون کي محبت پيار مَن، مون کان محبت ٻيءَ!
جاني، گڏجي جيءَ، جيسين جان جهان ۾!

○

ڪڏهن ڪڏهن ڪاڪ ۾، آهيان اڪيلو،
پيپيتي جي باغ ۾، جئين ڪو ڪيلو،
بخاري ميلو، سُتَتُ تيندو ساٿ سان.

○

ايڏو ٿيءَ نہ اداس، سامهون سرهيءَ سونهن جي،
چمڪي چوڏهين چنڊ ٿي، اندر ڪر نہ اماس!
خوشي خوشبو، خاص، ڏيج بخاري ذات ۾!

○

پاري جي پيالي، اٿئي دل استاد جي،
توسان رات رقيب هو، ٿانڊن جي ٿالهي،
حالي في الحالي، منهنجو جيءَ جلي ويو.

○

* پارو = سيماب، بي چينيءَ جي نشاني.

ڪُجَڻ ڪي ڪوڪا لڳا، پُڇڻ ڪي ٽاڪا،
بخاريءَ جا بيت ها، بي خوفا، باڪا،
وٺن ۾ واڪا، آزاديءَ اعلان ها!

○

جيڏو سچو سلڇڻو، ايڏو سياڻو،
جيڏو اڙدو بي ڊپو، ايڏو نماڻو،
ناتو اباڻو، بخاريءَ جو يونءَ سان.

○

تنهنجو صحرا مان سڄڻ، مُنهنجو ساگر تون،
آجين ٿو استاد ڪي، ڪڏهن قرب ڪٿيون،
سارو گهُرجين مون، ٿهڪين اڳ اُجهي نه ٿي.

○

جي ٿو ڪوليان سنڌ جا، سڀ بخاري سُور،
ساگر ٻڙڪن ڏيکڙا، ٽڪر ڇڪنا چور،
ملائڪ ملور، قادر تو هي ڇا ڪيو!

○

سڄڻ واري سُور سان، سانگين وارا سُور،
ائين اٿئي استاد ڪي، پورن مٿان پور،
انا مينهن اهور، منجر اڱئي بند ٿي!

○

هڪڙي پيڙا پيٽ جي، ٻي پرينءَ جي پيڙا،
آزارئي استاد سان، جٺڻو ٿئي جيڏڙا!
هاڻي سڀ هينڙا، ڏيڻا حق حساب ٿئي.

○

اٿين ڏک ڦٽا جٿين، ڪيٽيءَ ڦٽن ڪانهن،
ڪونهون رنيي مينهن ري دانهن مٿان دانهن،
هيڏانهن ۽ هوڏانهن، سور بخاري سامهان.

○

دکي دل جا دک، اوڳاچان استاد! جي،
ماکون چٽگون تي بکن، هيرون کوسي لکَ.
ڇا جا سمهڻ سک، ماٿهو ٻڻجن ماتمي.

○

اندر ٻري آگ، ٻاهر ٻاق اُٻون ڪيان،
بخاري ٻوۄ تو تٿي، مٿان جلن ماگ،
روئي پوندا راگ، رنيي ساز رڙيون ڪندا.

○

جي تو دل جا جَلَ، بخاري پڙکي ڪيان!
سوسٽ پرن صديون، پگهري پون پل،
آرتو روئن اوندهون، شعاع ٿين شل،
ڪوڪارن جل ٿل، ايڏو ناحق عشق سان!

○

لوکو لڇڻ لنپ، ڏيان جي هن ڏيهه کي،
ولي مُٽيءَ ماٺ کي، تتي تيز تڙپ،
اداڙي استاد جا، ٿاندن مٿان ٿپ!
اندر ڪاتيون ڪپ، ٻاهر اوتيان گيت پپو.

○

ڀاتيءَ سڀ سُتا، جاڳيا رڳو ڪونگهرا،
اميدون استاد جي، مغز منجهه مُتا،
باقي شهر ڪُتا، ڀؤنڪن منهنجي ڀاڳ تي.

○

روئان روزانو، ڳايان راڳ گهڙي گهڙي،
اداڙي استاد هو، دانا- ديوانو،
دنيا مشخانو، جيڪو جنگ محاذ تي.

○

بوسي ۾ ڀالي، ملي ڪيل وڏو ڪيو،
جرجلي جي دهل تي، جهوميو جمالي،
جيون جي نالي، سور بخاري مون سٺو.

○

جيان يا نه جيان، ٻول بخاري ڇا ڪيان؟
ڀهر امرت اوتيان، ڀهر زهر پيان،
ڏنيو ڏات ڏيان، رنيو راڳ چوان ميان!

○

ڪنهن سان سليمان حال، اسر ويل اڪيلڙو،
بخاري بيچينڙو، چرڪي ڏئي چال،
ميهر ڀهريو مال، ڀورن سان رلجي رنيان!

○

ڪنهن سان سليمان حال، پنهنجو اوريان پاڻ سان،
مصيبت استاد آ، محبت وارو مال،
ڀورن – ميوو پال، وجهان پنهنجي منجهه ۾.

○

ڪنهن سان سليان سور، جيڪو سنجريو جيءَ ۾،
اوتيان چو استاد مان پراون تي پور،
پرپنهنجو پور، آچي ڪين ڪجور ڪي.

○

ڪنهن سان ڳرهيان ڳالهه، جيڪا نينهن جهلي نہ ڪر،
بخاري هن پيد ڪي، سانڍيندس صد سال،
شوڪارا في الحال، نِڪريو وڃن شعر ڪان.

○

هينئان توکي هيلهه، ڏيان کهڙا ڏي مان!
ڏجهڻ اڳئي ڏوجهرا، سجڻ ٿيا سيلهه.
وچوڙو ۽ ويل، آيا گڏ استاد مڏي!

○

وي تون وچوڙا! ويري پهتين چو هتي؟
ڏهڪايو هينئون چڏين، چرڪائين چوڙا،
او! انڌا، پوڙا، اڳيان تر استاد جي!

○

ڪو وچوڙو وِچ ڪري، ڪو نسورو ويراڳ،
ڪو وچوڙو آگ تي، دل جو پڇي داگ،
بخاريءَ جو ڀاڳ، وچڙيو پو بہ وصال ۾.

○

ڪا جدائي موت جي، ڪا جيئري جدائي،
ڪا ڪٽجيءَ ۾ ڪرڙي پڇي، ڪا هميشه هائي،
ڪا اندر ۾ استاد ٿي، ڪپي ڪارائي،
جهوريو تنهن جائي، جيئري جنهن ماري ڇڏيو.

○

اندر ايڏي اُڃ، صديون نديون پي وڃان!
بخاريءَ کي برهه جون، ٻاهيون ڏين پُچَ،
سچ جي پريان سچ، ڪوڪاريان ڪيڏي وڃان؟

○

سؤ سؤ سڪون ساهه ۾، هڪ هڪ اندر سؤ،
بحر بخاري پي ويو، ڏولڻ ناهي ڏؤ،
پاڪر هوندي پؤ، ساگر سامهون مان اُڃو!

○

اندر ٻرڪي سڪ، ٻاهر ٻاڦ، ٻنيون اکيون،
سٽي ڪو اِستاد جي، سيني جي دڪ دڪ،
لگن ڪهڙي لڪ، پاڻهي پڌري ٿيو پوي.

○

ڪيئي قرب ڪُنا، ڪيئي ٿهر ڪنا ميان!
سور بخاري تا لڳن، ساڄن ساڻ سُنا!
مٺا ڪين مُنا، محبت جيڪي موڪيا.

○

ايئن ڏک ڏکيا، جئين پاڻن تي ڏونهان،
رڳون رنين ڦرب لئه، جئين ڏپ ٻڌا ڪونهان،
سور ٽيا سونهان، ادارڙي استاد جا!

O

جِئين ڏک اُٺا جئين سانوڻ– مينهن رُهيون،
خوشيون ڪوڙ مري ويون، جهوريون ڪونه ميون،
هِنئين پو ٻہ هيون، اميدون استاد کي!

O

ايئن ڏک ڦُٽا، جئين ، مينهن منجهہ ڪُنييون،
ماڪوڙا ڳُڙ–ڳوڻ جهوريون ايئن جنبيون،
سيون سور ٿُنبيون، سنڌن ۾ استاد کي.

O

لَئن لَئن منجهہ لُڇان، دل جو دل ۾ ليٽڙان،
هِنيان هڏ ٻڌي چڪو، پنبڻن ڪين پسان،
بخاري پٺڪان تہ ٿيان، پڌرو، ڪيئن پچان!
انهيءَ منجهہ مُنجهان، متان ڦرب ڪچو چوي!

O

جاني! آئين جيءُ، منهنجو جيءُ جلي پيو،
هينئڙو ڪرڙي ڪپ تي، اٿلي ٻولي ٿيءُ!
ڏک بخاري هيءُ، سڙان ساجن سامهون!

O

ڊکي پير ڊگهير ڪٽي، ڏوريَ سُتي ڏات،
سيرانديءَ سيلها ڪندا، ڪکن هينان ڪات،
لکن چيڙي لات، ادازي، استاد جي!

○

جاني! جيون تو بنا، سچو ٻٽيو سُور،
ايندي سان استاد کي، آچيئي ڪجهہ سرور،
سچڻ سور، سرور، هڙئي تُنهنجي هٿ ۾!

○

ڏتَ ڪري ڏاتارَ، ڏني ڏات استاد کي،
نکي هٿ مجبور ها، نکي خودمختيار،
پڌڻ ترڻ تار، ماٺيو موقعو مون اهو.

○

ٿوري تي ٿورو، عشق ڪيو استاد تي،
ڏکيو ٻکيو پنڌ پيو، بار متان ڳورو،
هونءَ نہ تہ هندورو، ههڙا بيت ڪٿي لکي!؟

○

ماٺهو ڪجهہ بہ ٿئي ڪٿي، تيندو ڪونہ خدا،
خدا درد رکي نٿو، ماڻهو درد ونڊا،
آهيون پاڻ ٻندا، استاد عشق الله جا.

○

هٿ ۾ تنهنجو هٿ پرين، وڌي سگهہ، سَمڪ،
اڳيرو استاد ٿي، هٿڻ آهي هَتڪ،
چارئي پار چمڪ، نکري نينهن نسنگ جي.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين! جوڙيون سهٽي جوڙ،
مون کي تُنهنجي لوڙ ۽ توکي منهنجي لوڙ،
اٿڻ سان استاد چئي، خوشيون موجون ڪوڙ،
ٿيندا قرب ڪروڙ، محبت سان جي ميڙيا.

O

هٿ ۾ سونهون هٿ ڏئي، هاٺي هلندو هلُ!
ٻانهون ٻانهن سان مليون، ٻارهن اوٺو ٻَلُ،
جيوت جوت جهجهي ٿئي، جاني گڏجي جلُ!
بيشڪ ٻلو ڀلُ، پنڌ بخاري پيار جو.

O

انهن جا احسان؛ ويهي ڪونه وساريئون،
سٽي پيار سنيهڙا، باغ ٿيا بيبان،
اچڻ سان استاد چئي، اوجاريئون ايوان،
سڀڻ جا سامان، سونهن، ڪٿوري، سوجهرا.

O

هٿ ۾ ڏيئي هٿ، ويهه بخاريءَ ويجهڙو،
تنهنجي منهنجي تانگهه جو، ساڳيوئي سانيهه،
ڏوريون گڏجي ڏيهه، سنگت سات سکهو ڪري.

O

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين! ڏاڍو ڏي ڪو ڏڍ،
ڏک بخاريءَ کي ڏئي، وڏن مٽان وڍ،
ڪرت مٿي مان ڪڍ، واهر ڪر ويجهو اچي.

O

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين! محبت مرڪايو،
بخاريءَ جو پروسو جاني جرڪايو،
پال نه پڙڪايو، جيتر جان جهان ۾.

○

هٿ ۾ ڏيئي هٿ پرين، سڪ ڏي ٿورو سَرُ،
اکين اکين ڪانَ رکيو، ناهه بخاري اِرُ،
تولئي وِٽي تِرُ، مون لئه ميلَ مفاصلو.

○

عاشقي ۽ آنءَ، هوڪ هنهي ۾ هيڪڙي،
جاني منهنجي جان تون، منهنجي حسن مُنهنجو هانءَ،
نينهن بخاري نانءَ، هوندو منهنجي هيج جو.

○

ڏهاڙي توکي ڏسي، هيءَ بخاري هير،
سُپائي سُدَ ناهه ڪا، هوندا هتڙي ڪير،
دلبر ايڏي دير، ڪبي ناهني قرب ۾!

○

دشمن اک عُقاب، باز بخاريءَ جي اکي،
ٿوٽِ ٿني ٿي ٿوٽ مان، جيءَ جو جيءَ جواب،
توڏي ناز نواب، مون ڏي نينهن نواب ٿيو.

○

هٿ ۾ سوگهو هٿ ڏيئي، سوچ بخاري سَرُ،
محبت جي ميدان ۾، بيٺو ٿيٺو بَرُ،
ساري تَر ۾ تُرُ، پُڙَ ۾ پوندين ڪيترو!

○

اوري آءُ اجــان، وِتي تــي ويـري ٽئي،
سوڙهي تنهنجي سڳ سان ييلا اڳ يجان،
موج بخاري ماڻجي، محبت پوءِ مچان،
وچڙي ڪين وڃان، توڙي موت چني ڪٽي.

○

سنگت مڪو سڏ، پهچ بخاري ٿهڪندو،
گوندر مون سان گڏ، ڳائيندو، نچندو اچان.

○

ساٿين لڏي سار، سرهو ترهو پهچ تون!
ادا ڙي استــاد ڪـي، انــدر ۾ آزار،
پيڙن هوندي پيار، وندبيندو وڏيندو وڃان.

○

سعيي سک سميت، پهچ بخاري ٿٽ تي
سوچون، واچون سان ٿئہ، باهيون ڪيم بيت
پرکڻ منهنجي پيت، تڙپي پهتس ٽٽ تي.

○

اچو اوريون عاشقو، اندر جو احوال!
ڏاڍو ڏچو ڏيهہ ۾، قربن جـو آ ڪال،
عشق اجهل استاد جو، ملڻ ناهہ محال،
محبت اهڙو مال، وندبيندي وڌندو وڃي.

○

هوا سان احوال، سنجهي سان سليان پيو،
بخاري پڙڪيو پوان، هو تنبيو ڪري تال،
لُڇي شوڪارا پريان، هو ڇمڪي ڏئي ڇال،
پارڻ، ڀائيتال، ڀهليئي جا ڀهليو ڀڏي.

O

راڄن گهريا راڳ، بخاري راڳي ڏسي،
اندر ٿو ڪورو ٻري، اوڳاڇيان تہ ٻہ آڳ،
دل ۾ رکيو داڳ، ونڊيندو جوتون وتان!

O

مهري ۽ ماڪي، بعضي آرُ انڌو ڪري،
گهاٽي جهڳٽي کي ڇڏي، ٻُنڊَ وجهي ياڪي،
اتابي استاد ۾، بچيو ڇا باقي،
انهيءَ لئہ آتي، جيڪو ڪالهہ جلي چڪو.

O

مون کي هيءَ حجاب، ”ڪاڪا ڪاڪا“ ڪولجان،
اجهاٽي استاد کي، بچين باهہ، شباب،
اهڙو عيش، عذاب، ماڻڻ، پوڳڻ مامرو!

O

چاهت اچا چاهہ، سونپين وينئي سٺ کي!
اڌ مٺي استاد ۾، اوتين ٿي اتساهہ،
برف مٿان هي باهہ، ٻارين بيٺي زور تي!

O

ساجن تون ساگر، بخاريَ بريٽ جيان،
آءُ تہ پيهون پاڻ ۾، پيارا ڏور نہ ڏرُ،
باقي لهر ڪَپر، هر هر چمندي ڪيترو.

○

لهرن تي لهرون اٿيون، ڇولين تي ڇوليون،
اڄُ ملي استاد اچ، هڪ ٻئي کي کوليون،
روح رڳون ڳوليون، ڇو هي اُڄ اُجهي نٿي!

○

استاد آ اوتر، ساگر گهرو آنهہ تون!
ڇا ڇولئي ڇوليون اٿن، لهر لهر ازگر،
تاهم تُنهنجو تر، مون ڪان محب گهٽو پري.

○

اندر ۾ آڙاهہ ها، ديدن ۾ درياهہ،
صحرا، ساگر ساڻ مون، پورا سال پنجاهہ،
ورهہ کي وهواهہ، جنهن اجاريو استاد کي!

○

سڄي اڌ صدي، ڪٽيان ها ڪيئن عشق ريءَ،
جيڏيون جَسُ جتن کي، جتان ووڙ وڏي،
لُڇڻ سار لڏي، نہ تہ واندي ماندي ٿي مران!

○

طالب وٽ مطلوب، اچي پهتو اوچتو،
برهہ بخاري خوب، هو اڄ خوبن کان ٿيو خوب،
مون سمجهو محبوب، مون تي عاشق ٿي پيو.

○

ايندم ايندم پٽي چيم، نيٺ اهي آيا،
سدورا استاد جا، سڀ تينا سعيا،
ساجن سجايا، پورهيا پيار ڪري وڏا.

○

آيم اوءِ اگڻ، ووڙيم جيڪي واءُ ٿي،
بخاري پهتا پرين، منهن جو روح رڱڻ،
سرها هام سجڻ، واسي ويام وجود ڪي.

○

اگڻ آيم اوءِ، مڱيم جيڪي مدّتان،
اکين ۾ استاد جي، خوشين جي خوشبوءِ،
جرڪي دل جئي جوءِ، مرڪيو سارو مارڪو.

○

گهوري ڏي گهربل، آيو آءُ گهران تہ جيا!
صديون سجايون ٿيون، پلئہ پيو هي پل،
يَرِ اٿم پرجهل، درد بخاري دور ٿيا.

○

اٺين سار سنڀار، سڄڻ منهنجي ساهه کي،
جڻين ڏيمي راڳ ۾، تنبوري جي تار،
جيئن تکي واڄَ ۾، ٽڪرجن کي ٽار،
بخاري جيئن بک ۾، لڀن ڇورا ٻار،
اٺين منهنجا يار، زاروزار رئان پيو.

○

سڄڻ سڀ سياڳ، سڄڻ سارو سوجهرو،
ننڍاکي استاد کي، ڪيو سک سڄاڳ،
ايندي آءُ اياڳ، ويندي ياڳ ڀلا ڏسو.

○

گهِري گفتگو، اکين اکين سان ڪئي،
بخاري ياکر وڏا، اُٿي آرزو،
ڪٽوري خوشبو، خوشيءَ جون خبرون ڏنيون.

○

خاموشي ڪيڪار، بوسي بي آواز جان،
پٽڪين، بوءِ بهار جي، مرڪين موتئي ٽار،
گلابي گفتار، بخاريءَ جي ياڳ ۾.

○

چمپا تُنهنجا چپڙا، موتيو اڇا ڏند،
محفل ۾ مهڪي ويا، تُنهنجا ساهه سڳند،
ڪنهن محبوبيءَ ڪوٽ تي، مڙيا محبتِ وَند،
هميشه هر هنڌ، سوڀ بخاري سونهن جي.

○

جڙندو سون سچي منجهان، ڳهڻو سوبہ سچو،
نکري کير اڇي منجهان، مکڻ چوپ آڇو،
سونهن بخاري سچ آ، سچڻ ايئن سچو،
ڪونهي ڪوبہ ڪچو، پر جي پيار پڪو هجي!

○

ڳالهيون ڳاڙها گل، سوچون سرهيون هيرڙون،
باغيچو تُنهنجو بدن، بلبل دل جا بُلَ،
اهڙي مهل امل، باغ بخاري جهول ۾.

○

تازا ڏاڙهون هٿ ۾، چپن تي انگور،
پياري يار بخاري، سورن منجهہ سرور،
توڙي جيون جهور، ميوا ڪاڻم مند جا.

○

سنڌڙي انب هٿن ۾، چپ تي سُڳداسي،
چاهت چس بخاري، نس نس ۾ واسي،
پيئي سِڪ پياسي، اوتيو ڪنڌون کير ۾.

○

ننڍڙا گدرا هٿ ۾، چَپَ تي چانهيءَ ڦاڪَ،
اداڙي، استاد کي، خوشين جي خوراڪَ،
حُسن جا هيرَاڪَ، هينئان هُجُ پرينءَ وَٽ!

○

ڏونگھيءَ ڪوپا هٿ ۾، چپن ۾ مصري،
مزا پيا استاد جي، نس نس ۾ نسري،
وڃي ڪئين وسري، اهڙي مهل مِٺي پرين!

○

مکڻ چانا هٿ ۾، چپ تي ماکيءَ لارَ،
اڄي پاڻ استاد ڪي، رَڄَ ڪرايا يار،
سھٽي ۽ ميھار، ميلا، ٻيلي جھول ۾.

○

مٺا تنھنجي مرڪ ۾، مٺين آھ مٺاڻ،
هڪڙي نيڻ نھار ۾، سھسين نينھن- نياڻ،
تنھنجي روح رهاڻ، سور بخاري سمنڊ ۾.

○

هٿين ميندي گلَ، چپين سرخي پنکڙيون،
بلبل اُڏري باغ ڏي، دل جا توڏي ٻُلَ،
اڄا گھٽا اُلَ، اندر ۾ استاد ڪي.

○

هڪڙي ناز نھار ۾، سوين نينھن- نياڻ،
ماسو سچي مرڪ ۾، مٺين پيار مٺاڻ،
تنھنجي روح رهاڻ، اوجاريو استاد ڪي.

○

وس ۽ بيوس وچ ۾، اتڪ آهي بي،
ڏاتر طاقت ڏي، رندڪ کي رهڙي ڪيان!

○

گھڙيءِ گھڙيءِ گھاءَ، جيوَن وڙ وڏا ڪيا،
تڙپ ۾ تخليق جڙين، پيڙون ڪاٽي ماءَ،
اکرن منجهه الاءِ، بخاري پڙڪي رکي.

○

اوجاڳو فاقو، تحفو عبادتن جو،
پنهي سان ناتو، عشق ڳنڍيو استاد جو.

○

صبح وڳو ساز، سانجهي گونگو ڍونگرو،
اڏائو آواز، گونجي پيو گرنار ۾.

○

جي تون آهين الله، آءٌ تنهنجو ٻانهڙو،
مُنهنجو پنڌ وپاهه، رَبا، تنهنجي روبرو.

○

جي تون راحم رَبُ، جوڙڻهار جهان جو،
موتيو مُرجهي لڪ تي، جهولي جهومي ڏَيُ،
انڊو، سچو، ڏاهو، اوڳو، ڳورهريءَ جو ڳپُ،
ڇا هي سارو سپ ، تُنهنجي مرضي سمجهجي؟

○

صبح ڇيو سوچ، نئين سال نچين تہ ها!
پرسان پٽڪيو لوچ، هي هو منهنجي هنج ۾.

○

جيون جي نالي، جيڪو سور مليو سنم،
جرجلي جي ڌهل تي، جهوميو جمالي،
بوسي ۽ پالي، ملي ڪيل وڏو ڪيو.

○

روئان روزانو، ڳايان راڳ گهڙي گهڙي،
اديون ڙي! استاد آ، دانا ديوانو،
دنيا مئخانو، جيڪو جُنگ محاذ تي.

○

سڄي عمر سور، جيون سائي تي رهيو،
پنڌن سان جئين پيچرو، پيرن سان جئين پور،
پرڻ تائين نور، نرڻ اوندهہ اوجهرو.

○

مون ڪان پو تون سور، رلي مرنديِن روهہ ۾!
ڪتي ملنڊءِ ڪينءِ ڪي، مون جهڙا مجبور،
توکي نوان تور، سازي وجهندا سمنڊ ۾!

○

ڪتي سانديان سور، ٽٽن ٿوهہ منجهان ڪري!
او! ٻہر جا ٻور، مون کي ڏک اچا گهڻا!

○

پٽر ناهہ پڪو، بشر شيشو ٽاڪئون،
جرڪڻ ٻٽي چيٽڙا، ڪنجڻ آهہ يڪو،
اوندهہ چيهہ نہ ڪو، سوچ ساندهہ سوجهرو!

○

ڪنهن سان سليان حال، اسر ويل اڪيلڙو،
بکيو چڙيو مال، ڍورن سان گڏجي رنيان!

○

جيان يا نہ جيان، ڪير ڪري هي فيصلو؟
بخاري بي خوف ٿيو، منصف پاڻ ٿيان،
پهر زهر پيان، پهر امرت اوتيان.

○

ڏکي سُکي ذات، تنهنجون تعريفون گهٽيون،
سرها گجرا هٿ ۾، ٿهري ڪک ۾ ڪات،
وايون منيون وات، ڪڙيون ڳڙيون ڪاڪڙي.

○

طوفان ئي طوفان، ساٿي سنيران زندگي،
ڳايم ڳڙي مينهن ۾، عشق جا احسان،
جيون شادي– دهل ۾، ڪيڏارا ۽ ڪان،
مرادون مهمان، لڄي، ڇيڄ وجهي ويون.

○

روزانو پڏجي ڪفن، روزانو تربت،
موت يا مصيبت، ڏهاڙي ڏمريو اچي.

○

موت ڪٽي مهٽو، مرجي جي مانائتو،
سوريءَ تي سهٽو، جيڪو لڙيو حق تي.

○

اجل جو حملو، لشڪر غم اندوهه جو،
اولي ڪان اولو، پنڌو ڇنڻ پيار ڪان.

○

هڪڙي پيڙا درد جي، ٻي پيارن جي پيڙا،
اڄ هتي هينئڙا، ڏيٺا سڀ حساب اٿئي!

○

هٿن ۾ ها هٿ، اهي ڏينهن وهي ويا،
اُڳهان ڇپ سانَ نت، ڇمان آءُ ڇوان نٿو.

○

هٿ تي مينديَ گُلَ، ڇپ تي سرخي پنڪڙيون،
توڏي دل جا ٻُلَ، بلبلِ اڏري باغ ڏي.

○

وهندو جيڏو ڳسُ، ٽيندو ايڏو ويڪرو،
سهندين جيڏي ڪس، ٽيندين ايڏو سرخرو.

○

ڪنهن سان ڪريان ڳالهه، جيڪا نينهن جهلي نه ڪر،
سانديو نيندس نال، شايد ڪوليان لحد ۾.

○

ڪنهن سان سليان حال، پنهنجو اوريان پاڻ سان،
پورن- ميوو پال، وجهان آءُ وجود ۾.

○

ڪنهن سان اوريان سور، جيڪو جائو جند ۾،
ٻبر پنهنجو ٻور، آڇي ڪين ڪجور کي.

○

ڪنهن سان سور سليان، ڪنهن کي ٻجيان ٻاهه ڇو،
ساڙي هانءُ هتان، پاڻيءَ لئه پاڙي سڏيان!

○

ڪنهن سان ٻاڦ ڪيان، ڏونهون ڪير ڳهي ٻه ڇو؟
ٻڙڪيو منجهه رجهان، ٻڦيل ڍڪيل ديڳ جان.

○

مٿان مرڪ ڍڪڻ، اندر دلڙي ديڳڙي،
ٽهڪڻ کي ٽهڪڻ، سمجهو لوڪ، سنو ٽيو!

○

چولين منجهہ ڇلان، لهرون لوڙهون ٽيون لڳن،
ڪنهن کي ٻڪ وجهان، مڇيون، ڪڇون ڪُن ۾.

○

ڪلندم خلق مٿان، چوندم نيٺ ڇريو ٿيو،
ڦاڙي هاڻ هٿان، ڪونيان ماٺو ميڙيو.

○

ڀنڊي هلي ڀيڙ، گهاٽو گهمي هاڻ ۾،
اندر ليڙون ليڙ، ٻاهر ڀهريو نٿون وڳو.

○

ٻارهوئي ٻارڻ، اديون! دل جي ديس کي،
الائي نارڻ، ايندو ڪهڙي ڏؤر ۾!

○

ڪوڪ نڪو واڪو، ويندڙ ويندي ٿو ڪري،
پوءِ ٻہ ڏماڪو، ڪيڏو وڏو موت جو.

○

مطلب ۾ محبت، ڪيڏي ڏسجي ٿي وڏي!
جبار ۽ جنت، سلان، مست مسيت ۾.

○

پنهنجي سڌ جي سڪ، ڪيڏي ڏسجي ٿي وڏي!
عشق اکر ۾ لِڪ، ڪشش ڪوشش پاڻ ۾.

○

مُنهنجو شعلو شام، تُنهنجو پڙڪو پاڪ جو،
حسن سان استاد مان، هٿان ڪهڙي هام؟
ايندي ڪانہ اُجهام، ڪڏهن عشق امام تي.

○

ڏت ڪري ڏاتار، مون کي ڏات ڏني تو!
نڪي هٿ مجبور ها، نڪي خودمختار،
پڏڻ ترڻ پار، ماڻيو جيون مون اهو.

○

اڇ! يا اچان آنءُ، فرمايو تو فون تي،
ماپي جذبو هي نتو، تورو مُنهنجو ٿانءُ،
هاڻي منهنجو هانءُ، ڦاڙيندينءَ تون فون تي.

○

مون کي هي حجاب، چاچو، مامون ڪونجان،
تون چو بوڪر بند کي، .بچين باھ شباب،
اهڙو عشق عذاب، ماڻڻ پوڳڻ مامرو.

○

چاليهن کي چاھ، آچين وينين سٺ کي،
پائيءَ ۾ آڙاھ، پارين بيئي زور تي.

○

مهري ۾ ماڪي؛ بعضي آر انڌو ڪري،
گهاٽي گلشن کي چڏي، بنڊ وجهي پاڪي،
انهيءَ لئہ آتي، جيڪو ڪالھ جلي چڪو.

○

پڄندي پرندي

پڄندي پرندي روھہ ٽڪي، پَٽَرَ پٽون ريت،
چلجي چلجي چيت، آخر دئيت درخت ٽڪي.

○

گھري منھنجي گيت، پالي ريت پريت جي،
ڪوتا جي ٽي جيت، آتوَ ارٽ اڪيڙ ۾.

○

گھوري گھاٽي گھڻ، سوڙھي سٽ ڪري وجھي،
بيلي رِٽ پَھا ڪڍي، وڍي چانگي وڻ،
چاھي ڪوبہ نہ چڻ، ھيءَ پر ھاريءَ ڪان پڇو. *

○

** انگ نہ ڍڪجن ونگ سين، بڪ نہ لاھي بَڪَ،
آنڊي جي اوڙڪ، ڍوڍي ريءَ ڍئجي نٽي.

○

ڪيڏي ننڍي جِيَ: ڪيڏا ڏنب وڏا ڏئي!
پاڙي پرڪم پيَ، ڪيڻ سان ڪاٽيو رکي.

○

جھومي سرھي ھير، اسر، راڳي باغ ۾،
جھولا ڏين جھير، تنتي ڳاھا ڳاھہ تي.

○

---

* چڻ = گھاٽي پوک جا سنھا تيلا جي ان گھٽ ڪنڊا آھن.
** ونگ= رس، نوڙي، ڍنگ جيڪو ميٺھن، ڳنون کي ڏھڻ وقت وجھبو آھي.

ڪاتيءَ ڪنڌ ڪٽيو، چٽو، ڦاٽو ڪنڌ، جهڪيو،
اوچو موت اُڪو، نيچو سيس نمي جٽي.

○

چنتائون، چيتو، ٿوهر ڀوڙا ٿر ۾،
سينو سوريتو، باراني ٻـَرَ، ريج ري.

○

نام: وڏو ناڪٿو، ڪم: ٻوڙائڻ ٻيڙيون،
ذات: حقنِ راڪو، ڪات، ڪلوڙا ڪچ ۾.

○

ڪٽيو ڪٽيو ڪوڙ ٿيو، ميرو ٿٿي پيو مور،
چاهت چڪنا چور، دولت دگني تي تہ چا.

○

جتي دکي بک، اُتي منهن ميراٿجي،
لنگهڻ ڪوسي لُڪ، لٺن لٺن لوساٿيو، چڏي.

○

پيچو پيٽ وڪن ڪان، جتي دکن ڏک،
ڪنهن کي ڏسي ڪک، اندر جون اولاٿييون.

○

ڏرتي پوڙهي جهور، جهوني پوبہ جوانڙي،
حور هميشه حور، ڪوجهي ڪوڙهي ڪانہ ٿٿي.

○

---

* دگني = بيٺي.

مچو منهن محجبوب، هر ڪنهن ڪان هيسيو وڃي،
مون نہ اهو محبوب، لڄئون جو لرزي وڃي.

○

ڏکن مٿان ڏک، سٿا ٿي سٽجي ويا،
سورن هيٺان سک، دٻجي داڳي ٿي ويا.

○

سنجهي سهڙيا سور، پرهه ڦٽيءَ پکڙي ويا،
پوياڙيءَ جو پور، موٽي آيا ماڳ تي.

○

سوچڻ سان سرچاءُ، پنهوارن پرچي ڪيو،
سوڀارو سوداءُ، پٽن ۾ پرجي ويو.

○

مٿي ڪنگرا ڪوٽ ٽئي، چڙهندي چڙهندي چوٽ،
ڪِرندي ڪِرندي ڪوٽ، پٽي بٽجن پير جي.

○

موت تڌهن مرهم، جيون اڻ ڇُٽ ڦٽ جي،
دوزخ ۾ جي دم، سي جي تَم ٿين سٺو.

○

ڪنهن جي ننڊ منڊي، ڦيٽي، ڦند، گشي نشي،
جنهن جي ڪنڌ ڪنڊي، تنهنجي ننڊ منڊي نہ ڪو!

○

هيڏا گهوگهٽ، گهنڊ، ڪيڏا گهرا ڪونگهرا،
ناهي مون کي ننڊ، خاموشيءَ جي خوف کان.

○

ڪلي ٽال مٽول، ڪبي اڳيان قرب جي،
ماٺا، يوڳ، مخول، ڪهڙا آڏو ٿهر جي.

○

اوائتا، نپٽا، زمانا تنهنجي هٿان،
سهڻا پيا سنسار ڪي، صدمن جا سوٽا،
مانُ ٽيو ٽوٽا، ماٺهو محڪم ڪيئن ٿيو!

○

چوماسي جا چپ، سرءُ ڪان سبجن نٽا،
توڙي گندي گپ، خوشبو پوءِ به ڪِليو وجي.

○

پارا هٿي جهپ، ڪسن واس وٺن ڪان،
ڪليءَ ڪليءَ ڪپ، ڦڳڻ پوءِ به ڦلاريو.

○

پاس نه پاريهر، ٻيرا ڏار ڇڏي ويا،
آڪيرا سڪٽا سجا، پٽ تي وڪريا پر،
ڦهري ڪاريهر، وسن ٽا وٽڪار ۾.

○

سهميو سوچ تڪي، سامهون موت سمونڊ ڏي
ٻوڙيندي ٻيڙيون هڙهيا، تورو ڪين تڪي
ڏِسيو ڏات ڏڪي، اڻ ڄاتي اوڙاهه ڏي.

○

مايا ۾ هو منهن، جيون-موهه مڃيو به مون،
سوچ ٻڳهيءَ جو سُنهن، روح خلائي ڪوهه ۾.

○

هوءَ جا باک اڏام، اُت عقابي اُپ ۾!
هيءَ جا سانجهه اجهام، تمکي ٽانڊو خاڪ ۾.

○

کهڙو نير ٽِکو، ڪپڙي نيري تي لڳي،
ڪاري ڪوڇي لوٺ ۾، ڪارو سور لڪو،
هي جو رنگ هِکو، سولو لوڪ لکي نٿو.

○

اڇو ڪير رٿو، تنهن تي نير ٽڪو،
ڪنهن ڪنواريءَ ڪڇ تي، پنهنجو پيٽ ڪِڪو،
ڌرتي ڏئين ڏِڪو، اوچو اپ مٿي ڳهٽو.

○

ڳهارڻ ڳنگهه ڳناهه، جڏهن ڳونج ڳلي هجي،
اندر عشق اٿاهه، ٻاهر ٻِٽ ڪفر ٽئي.

○

سرڪيو سرجٽهار، ڳِهرڪيو ڳهري ڳهڳهه ۾،
شمع جان شهڪار، پيراندي پڄري پيو.

○

شعاع شاهڪار، جن جي ٻٽ ٻِتيءَ جا،
سي پڻ سرجٽهار، اوتون جوت ڏٺي هليا.

○

ڏِسيو پَٽ ڏسڪن، سامي ماءُ ڳهيو وڃي،
ڏِڪيو ڏورن جان ٻچا، ڏِنڌين جان ڏنڌيڪن،
جيءَ جُٺا جهنجهڪن، هٿ هٿ هانوَ هجيا وڃن!

○

ڇا، ڇيڇ، ڇرون، ناهن جو ڇيرون ڪيون؟
سنڌبن ريءَ سموندبُ جو، ڏسيو ڏيل ڏرون،
تان پو تيز ترون، جان ڪو جهد جهاز ٽٽي.

○

ذهن نئين جا ڏؤر، جنت دوزخ ٻجوءِ ۾،
ڪائن خلق بندوق سان، اڄ جا آدم خور،
اوسر اڳتي زور، توڙي ذور ڏيڻ ۾.

○

گذريو جهڙي گور، ايريو اڄ وجي پيو،
ٽائو هاڻ هلي پيو، محشر واري ٽور،
تنهن جا تازا طور، دقيانوسي دؤر جا.

○

هر جهونڪو جهاڪو، ٽڙندي ٻُٽڪ ٽڪي هلي،
هيٺي وائي واءَ ۾، ڏڍ نہ ڪو ڏاڪو،
واڇ منجهان واڪو، ٽڪڙو تيز لنگهيو وڃي.

○

ڏاها ڪرڻا ڏاڪٽيون، ڏنگا اُوڪا اِنگهہ،
لوچون سوچون لنگهہ ڪِريو چوٽ چڙهيو وڃن ويا.

○

ڪٽي رڳ ڪنڌيءَ ڏي، ڪٽي آ پائڪَ،
درياهہ وانگر دؤر جي، دردن ٻڌي ٽُڪَ،
جبل ٻيلا جهُڪَ، سڪيا ناهن سنڌ جا.

○

هَرَ جنين جي هاڄ، پوک جنين جي پريتڻو،
انهن سان استاد چئي، قائم جڳ جا ڪاڄ،
محنت جا محتاج، راڄا، راڄ، رياستون.

○

هَرَ جنين جي هاڄ، همت جن جي هٿ ۾،
وسن وانگي وڏ-ڦڙي، گجن جهڙا گاڄ،
تخت، تمن ۽ تاڄ، استاد انهن آسري.

○

هَرَ جنين جي هٿ ۾، هر هر هوش، هڪل،
ڪبي سجي خير سان، بخاري سي پل،
جوڙي پنهنجا جل، هاريءَ پنهنجون همتون.

○

هَرَ جنين جي هٿ ۾، گهائو جن گهوٻا،
ڪرڙن ٻوهي ٻپ ڪي، جهير ڏين جهوٻا،
ولن پائي وقت تي، ٻيٽا ڏئي ٻوٻا،
اتي هُلَ هوٻا، جتِ ٻنايون ٻي ڊنگيون.

○

هاري تُنهنجي هٿ، سينگاريو سنسار ڪي،
ڪڙمي، ڪمي، ڪاسبي، سَگهي ساري سٽ،
ڪاٻہ نہ ٿيندي ڪٽ، محنت مان گهٽو متي.

○

هر سنيالي هيج مان، گهوٽن جوٽي جاٽ،
اوڳون سوگهيون سوچ سان، گهوٻا پوري گهاٽ،
پنيرڪي جو پونءِ تي، مٿان برسي ماٽ،
لالڻ ڪڍيَ لاٽ، ڪاهيندي ڪنو وقت ٿيو.

○

پڪڙيل ديهون پيٽ، واهڻ، وات وڏيرڪو،
آڏاٿون نيرن اٿن، منجهند ڪَتي، چيٽ،
ڪاٿن سارو ڪيٽ، ڳوٺ انهن جي ڳيٽ ۾.

○

وڏيري، ويري، فرق ٻنهي ۾ ڏال جو،
ڏال نشاني ڏاڍ جي، ستم جي سيري،
ٻوهہ وڏا ڍيري، ٿيندا پر ڪنهن ٿيڙ سان.

○

زر زر ۽ ڏن ڏن، ڪندي ڏسندين ساهہ تون!
ياجوج ۽ ماجوج جو، تو ۾ وات ورن،
هجر، شجر بر، ٻَنُ، حاسد تُنهنجي هيس ۾.

○

ڪل توڙي ذلَ، ليڪن لوح قلم ڪان،
ڪوشش ڪان ڪڙمي گهٽا، قسمت جا قائل،
مرڻ ڏي مائل، هٽڻ ناهن هيروان.

○

ڏاٿي سان ڳڏ ڏانءُ، هاري هٽ ڪجي،
هوش بنا ڇا هانءُ، سورهيہ سڪٽو سوچ ري.

○

Soorih Mirani

ڏاهپ ۽ ڏاتا، ملیا ماڳ ملهي پیا،
استاد اتاهان ٿیا، ڳوڙن جا ڳاٽا،
چمڪیا چؤواٽا، گونجیا گیت پریت جا.

○

ماڻهپو محسوس، سارو سور ڪیو سڙي،
مان ناهیان مایوس، استاد آدم ذاتِ مان.

○

سینگاریو سنسار، پورهیت تنهن جي هٿ،
تنهنجي هوش هٿن سان، جڳت جو جنسار،
ڪل ئي ڪاروبار، محنت ڪش جي مٺ ۾.

○

جئڻ ئي جنجال، مزدورن جو ملڪ ۾،
پیڙون ڪائڻ پیٽ لئہ، جوڏا جي جڳپال،
ڪاهوڙي خوشحال، ڪڏهن ٿیندا ڪو پتو؟

○

روزانو هاري، جهڪي جهڪي نوڙ ٿیا،
صبح رونبي لابَ تي، نوڙن نر، ناري،
سانجهيءَ پیر فقیر کي زوري ڪن زاري،
وڏیري واري، اجا آزي اڳیري.

○

زمین ۽ 'زر زر'، ڪندي، مرندین ڪیڪڙا،
'الهڪ متڪاثر حتيٰ زرتم المقابر' صحیح سراسر،
قبر ۽ ڪوڏر، هانءَ پریندا حرص جو.

○

ماني ڙيَ ماني، ماٺهو مڃري ٿا گهرن،
ککي وکي ٿي وئي، کوٽن جي خاني،
سوچيو سلطاني، ڏيٺو پوندوَ ڏيھ کي.

○

ورسايو واٽون، آجائي آئي اجھا،
ٻاڙي ڇڏيون بوجھ جون، لوڪ سڀي لاٽون،
اونداهي آٽون، ڏيئي ڏيندي ڪيتريون!

○

هڪلي هل هسوار، تازي گهوڙي کي تکو!
باقي بچيا بار، خچرن تي ڪٽبا پيا.

○

جنهن جو جهڙو ڪم، تنهن کان تهڙوئي ٿئي،
ٻوءِ نہ جوڙي ٻمُ، ٻاھ نہ ٻرسي مينهن ٿي.

○

جنهن وٽ جهڙي ذات، عالم کي آڇي اها،
تارن آندي رات، سورج سعيو ڏينهن جو.

○

جيڪي آ جنهن وٽ، اهو اوتيو پيو ڏئي،
چلر، ڪِڪي ڇٽ، صندل، سرهو ٻورڙو.

○

جنهن جو جهڙو جوڙ، ووڙيندو اهڙو وتي،
مکيون، ککڙيون کوڙ، ماکيءَ، مُکڙيون پرکيون.

○

ڪنگ تڪي ڪرڙي، هنج چُڻي "موتيءَ ڪڻا"،
مک چڻي ڦُرڙي، پنئرو چوسي مکڙيون.

○

ڪا ڪا ڏات ڪڪر، رڻ ۾ رم جهم ڪري،
چارئي پار چڪر، پياسن جو پچندي وتي.

○

سِڪو ڪار ڪنڪر، وسڻ، وڄون ٻئي ڪٿو!
ٽَڪر ساڻ ٽڪر، وادي لاءِ ورونهڙي.

○

ٻُڻ تيا ڳالهہَ، اوڳڻ، اڳوائي ڪئي
ڏڙدن ۾ دولهہ، عيشن ۾ آڳومتي.

○

آڏو پيچو جي، ڪري ڄاڻن ڪاج جو،
ڄيڄ ميڄي تن ڪي، جن ڪي ساڃهہ ڄيڄ جي.

○

سمجهہ سڄو، ساڱو، تشبيهاً تسبيح جان،
سچ وچون ڌاڳو، جوڙيو ايندو جوڙ ڪي.

○

هن وٽ ناهي هوُ، توڙي هو هن سان رهي،
خار نہ ڏئي خوشبو، هجي گلن هنج ۾.

○

---

* ساڱو = قافلو، سات، قطار

Soorih Mirani

هن وٽ آهي هو، توڙي هو هن سان رهي،
ڪوئل آنا ڪانءَ وٽ، پوءِ ڪندا ڪوڪو،
مشڪ رکي خوشبو، ونجهو آهي اوجهه ڪي.

O

انتاريءَ مان ڏات سان، جوڙي جوت ڏيان،
جيان سچ جيان، مرڻ مند ڏسان نه مان.

O

ٽينديءَ رهندي، ٽئي پٽي، اڻ ٽيٽي ٽيٽي،
جاني! هن جهان ۾، جوت سدا جيٽي،
ڏات اٿئون ڏيٽي، وهندا ڏيندا تا وتون.

O

ڪيڏي ٿارين ڪات ٽي، ڪيڏي ڇوڏن ڇل،
چارئي طرف چمن ڏي، ڪير ڪُهاڙا ڪِل،
خستوريءَ ڪان ڪِلَ، نهاريو نڪريو وڃي.

O

ڊڪن ماري ڊَنب، هيڏي هوڏي حرص ۾،
اڏرن ڪوهيل ڪنپ، اٿيو اوٿر اوچتو.

O

امنگ اڏواڏ تيا، اڏن جا تيا اڏ،
سوچڻ ۾ سپنا وڌيا، سڪڻ وڌي سڌ،
هوس تُنهنجي حد، پورينديءَ شايد پڄي!

O

وڻي ڪوڙ ڪُنيئون، چُنجهن سچ لڌو نٿي،
چوڻ ساڻ چَنيئون، ڪيهر شينهن ڪَرڻ جا.

○

اٿيو شعلو هو، جيڪو ٻڙڪيو ٻنب ۾،
اجهايو ويو سو، ساڳيو دونهون ديس ۾.

○

صالح صحت ساڻ ٿئي، فاضل ٿئي فرصت،
ٻئي غنيمت، اڪارٿ اچلين متان!

○

ڏيندي درد- دوا، ٽڙڪيا هٿ طبيب جا،
مان ڇا سمجهان ماءِ، حاذق ڀاڻ هڪو ٻڪو.

○

اندر اچن آت، ڪاڏا دستر خوان تي،
ڇاتيءَ ڪتا ڪات، سُٽي سانت اچي ڪٽان.

○

ساعت ساعت سڏ، ويهڻ وقت نٿو ڏئي،
لڏڻ جنهن سان گڏ، اڏڻ ان جو ڇا ٿئي!

○

ساعت ساعت سال، دم دم سؤنو موقعو،
لمحو لمحو مال، پهر پدمن ڪان متي.

○

اها نيٺ ٿئي، جيڪا سنجري سوچ ۾،
پاڻي، اڄ پئي، ڳيو، بک ليي وئي.

○

ڏاڍو حق ڏئي، هيٺي ڪي پاٿان سڏي،
اهڙو ڏينهن ٿئي، جڳت جنت تي پوي.

○

ويهاريون وشواس، جيتر پڪ پڪاڻ جا،
تيتر آس نراس، هوريان ڏاڍيان اڳيرو.

○

اجايو اوڪاس، ايڏاهين الرون ڪرين،
رئيس نہ ايندءِ راس، پنهنجي واٽ سوات ڪر.

○

ڪيڪاريندي ڪير، ويٺين ٻولي زهر ٿئي،
سپر دلبر ڏير، طعنہ تير تڪو ٿئي.

○

سجڻ تي ساريئي، اُتي ووڙيئي ڪٽ تي،
ٻارڻ تي ٺاريئي، پاڻيُ هاريئي ڪونہ تي.

○

ٻيڙو تي تارُيوَ، اوجهڙ ڏي اڳتي ڌڪي،
مانگر تي مارُيوَ، سيسر ڪي ساڻي ڪري.

○

عمر تائين آءُ، تاڻيندو توڏي رهيس،
انان پوءِ اپاءُ، قبر ۾ کهڙو ٿئي!

○

اڄ تہ جيئري اڄ، ’مان چا، مَلڪ مجي وجي،
متان سهڻو سچ، ڪوجهو ڪوڙ نہ ٿي پوي!

○

مان آهيان مجبور، چا، تون پڻ آن مجبور؟
آيو ناهين عمر پر، سلڻ ڪڍهڻ سور،
چاهت منهنجي چور، سنگت تنهنجي بي سُيي.

○

ايڏو بي پرواهہ، جيڏو آهين الله!
منهنجي پيار پناهہ، توبهہ توبهہ ۾ وتي.

○

اجا آس نراس، مجيمہ منهنجي ناهہ تي،
شعاع ڪي شاباس؛ اوتي عڪس اماس تي.

○

عقل اونداهي ڪئي، مڪو عشق اهاءُ،
هيگل پٽڪيو، برگسان ٿورو اوري آءُ!
گڏجي آدر پاءُ، ڪريون عشق عقل جو.

○

ظاهر نرت نظر، دوري نيٺ ڪِني چڏي،
دل جو ڏيان مگر، جانيءَ ساڻ جڙيو ويو.

○

ويندي ويندي تو، چو ٿي تڪيو پوئتي،
ڪُهندي ڪُهندي چو، ڪاتي روڪي ٿي چڏيئي!

○

جيسين سالم سازُ تيسين وڄندو ڪاڄ ۾،
انان پوءِ آواز، ٻُرندو رهندو راڄ ۾.

○

جيتر هوندا ساهہ، تيتر سلبو رويرو،
ساهن ڪان پو آهہ، نياپا ڏيندي نينهن جا.

○

مشڪل اندر مبتلا، مشڪلڪشا مان،
جيڏو ڦاسان دام ۾، ايڏو اڏامان،
ڪوريءَ ۾ ڪامان، من ڪا آڳ اجهي پوي!

○

پري ٻوجهہ ٻرهانگ، ٽاٽو ٽاٽو وٺي ٽپي،
تتيءَ دل جي تانگهہ، پنهنجا پير ڪٽي رکي!

○

ڪهڻ ناهي ڪار، مڏيءَ ڪاتيءَ سان منا!
تکيءَ سان ڪٽجانءِ تکو، سڪڻ ناهہ تيار،
ڪهڻ، ڪسڻ يار، ڪهڙي ليکي ڦرب ۾!

○

سهسين سج لطيف ۽ سچل سهسين چنڊ،
جن مان پنجئي کنڊ، ڪٽنبدا رهندا روشني.

○

روشن سج لطيف ۽ سچل، چوڏهين چنڊ،
راتيان ڏينهان روشني، اسان جو آڱنڊ،
سوجهرو سڳنڊ، سدا پنهنجيءَ سنڌ ۾.

○

سورج پر ۾ تارڙو، پٽائيءَ در آءُ،
هو ٽيو ٽڙ جو ٿانءَ، آءُ ڪو ڪٿو ريت جو.

○

جر تي برف ڳري، ڏونگر ڏي گھوري ڏسو،
ڍرڪيو نيٺ ڍري، جھُرندو جيئي ڪيترو!

○

جھومان ضبح شام، تڙپان رات سجي هجي،
ڳيٽيان جونگا زهر جا، سمجھان زم زم جام،
جيون تنهن جي نام، مرڪيو روز مران پيو.

○

ڏکيا عشق علاج، اوکيون اکين عادتون،
اٽندي ٿي استاد کان، رنا رسم رواج،
حسن بنا هاج، سوچيان ڪابہ سجھي نٿي.

○

برهہ ڳورو بار، هلڪو لڳي هير کان،
عيش پلي استاد چئو: عشق نہ چئو آزار!
اتان سور اٿي ويا، پهتو جتي پيار،
عمر جو اوجار، امر پيار پرينءَ جو.

○

اهو جيڪو عشق آ، عزيزو آزار!
اهوئي استاد جو، عمر پر آڌار،
جيڪو جيون- يار، سو ڪيئن سڏبو اوپرو.

○

اکين وٽ علاج، بخاريءَ جي برهہ جا،
مَنهَن نيڻ مٺا چوان، ڪجل سمجهان ڪاج،
منهنجي دل محتاج، دلبر تنهنجي ديد جي.

○

سليان دل جو حال، محرم حال ملي تہ ڪو،
وجهان پنهنجي سمجهہ ۾، پور بخاري پال،
قريبن جو ڪال، الا، شال ڪتي نہ ٿئي!

○

گهرجن موتئي گُل، پهچن ڪندا ٻاهرا،
هي سڀ هاسيڪار ٿئي، ويسر پول نہ پل،
بخاريءَ جا ٻُلَ، ساجن سمَجهي جهمريون.

○

گهريم گلدستا، اچي، وچڙيم ڪانڊيرا،
آءٌ بخاري اوريان، هن پُارا هيرا،
چيرن تي چيرا، ڏاڍا ڏک ڏئي ويا.

○

منگيم ملم، تو ڪئي، ڀُلي دل ڀيرا،
چاهيم هانءُ ٺري پوي، جلائي جيرا،
ڪيج تيا ڪيرا، هيج سيئي هَج ۾.

○

بخاري بيڪار، ڪانهي ڪا نہ اڪير جي،
نظر، جِيءَ، جگر، دل، برهہ بنا بيمار،
ايڏوئي آذار، جيڏو سڪڻ ساهہ ۾!

○

اندر ريءَ اڪير، بخاريءَ بن شاعري،
سورج ڏاران روشني، ساگر سوا وِير،
ڏني ڪنهن تقدير، علحدي تدبير ڪان.

○

اندر ايئن اُڪنڊ، بخاري بازيون ڪري،
ماندي برهمانڊ ۾ جٿين ڪيڏن ڪنڊ،
مَنڊن مٿان منڊ، آءُ اڳيئي وائڙو.

○

آڌو رهـبر آرزو، پويان رهزن پَٽَ،
ڏنئون موت حيات کي، ويئي ڪاڏئون وٽ،
سهسين لال سمهي پيا، لڱين پائي لٽ،
سمجهو ماري سَٽ، وچان جوت جهٽي ويا.

○

مون تي ڳايا راڳ، آديءَ مانجهيءَ ماڳ جا،
آزادي آواز کي، دهشت ڏنا داڳ،
بخاريءَ جا ياڳ، جهنجهوڙئي جاڳي پيا.

○

ڏاهن ڏنا ڏيج، ڏڏن ڏنا ڏنب،
اُٺي پٺي استاد چٺي، جيڏان ڪيڏان رنب،
منهن، ٺلها، ٺنب، هوڪا ساڳيا حق جا.

○

قرب نہ چٺو ڪوجهو، اگلو عشق نہ ٺٺي، ميان!
سب نتيجو نينهن جو، حسن هتي هوجو،
برهہ ڪنيو بوجو، سونهن پرٺي سنسار جو.

○

عشق نہ عيب نہ عار، شوق نہ لولو لنگڙو،
سيني وضفين سوهڻو، سوڏو سگهو پيار،
محبت آهہ مدار، بخاريءَ جي پونءِ جي.

○

چُچو ڪوٺ نہ چاهہ، انڌو ڪوٺ نہ عشق ڪي،
بخاري هن پونءِ تي، آهي نينهن نگاهہ،
سڪڻ جي ساچاهہ، سينگاريو سنسار ڪي.

○

عشق نہ روڄ، نہ روڳ، عشق نقارو شوق جو،
امنگ ريءَ استاد چٺي، جيون جهڙو جوڳ،
پينر ناهي پوڳ، ساپيان عشق اجاريو.

○

رُئنبڊي رت رڱن ۾، ڪلندي ڪيڪاريان
الفت سان استاد مان، پٽ پيو پاريان
ٻهڪي ٿو ٻاريان، جيڏيون جند اڄهامندي.

○

جهومان يا ٽڙپان، تنهنجو ٿورو زندگي!
اهڃاڻ آ آواز جو، گونجان يا ڪوڪان،
ٻخاري ٻڙڪان، جڏهن ڪڏهن جوت لئہ.

○

توڙي ههڙي حال، سهڙيس تو دَرِ سپرين،
سيڪجهہ تنهنجي سامهون، اوراڻ ڇا احوال،
ڀانيان دل جا ڀالَ ڏُرڪيو ليٽي ڊول ڏي!

○

آفت ونگيو آءُ پيو، ڇاهت ڪي ڇنبڙان،
هيڏان هوڏان هيترا، ڇو ٿو هت هٽان،
* جيوت وهڪيل گان، پاندا سي تہ ڏُهي وٺان.

○

ڪوپل محب ملي، پهچي پوريءَ تٽ تي،
ساعت ڪي صديون ڪريان، حيلو ڪوبہ هلي،
سوگهو سج جهلي، ڦابو ڀونءِ ڪري ڇڏيان.

○

* گان = ڳنڍڙ، گانہ.

سڄڻ سان ساعت، اهڙي روح ورونهن ٿي،
وئي محشر ٿي وڃي، بيئي قيامت،
جيئڙي ٿي جنت، اتي ٿي جڳ جڳ جيون!

O

چميو چاهه چپن کي، پهر ۾ گذريو پل،
پرچي هڪڙو پل، قطرو ريت ٽئيءَ تي.

O

ڳالهيون ڳاڙها گل، سوچون سرهيون هيرڙون،
باغيچو تنهنجو بدن، بلبل دل جا ٻُل،
اهڙي مهل امل، ماڻ بخاري موقعو!

O

ڳنڍي مُنهنجو هانءُ، هاڻي روز وڃين پيو،
هيڏهن آهيان آءٌ، ڇنئين پوءِ ڇڄان نٿو.

O

تو آئي آرام، سڄڻ آءٌ نه سنبران!
ميان تو تن من وٺا، تنبي لطف تمام،
جهولڻ جهومڻ جام، صبر سانت ڪٿي هٿا.

O

تو آئي آرام، آيا آءٌ ميان پيو،
هوڏي سور هٽي ويا، موٽي ويا ماتام،
خوشيون موجون جام؛ تهمر تام ڪٿي هٿا؟

O

پيار ڪري پرپور، مون ڪان ڏور هليو وئين،
منهنجو تن تنور، پنڊو پچي ڀانڊ ۾.

○

هاڻي ڪو گلفام، پياري شوق شراب ڇو؟
باقي جنت جام، واعظ آڇيندو وتي.

○

هاڻي ساڀيان تاب، متيءَ ۾ ملندا وڃن،
باقي خواب ٿي خواب، تارا تارا ڪهڪشان.

○

هاڻي ڪو ماتم نہ آ، چاچي خوشي عيد،
باقي هڪ اميد، اميدون آٿيو ڏٿي.

○

ساهہ ڪان اگ اتساهہ، الله واهي ٿو ڪري،
هاٿو اهو الله، جيڪو ويري واهرو.

○

سچا پچا ڏين، اڳيان آڻ الله ڪي!
چٿو سڀ آمين، اچي رب دعا گهي!

○

پاري جي پيالي، اٿئي دل استاد جي،
توسان رات رقيب هو، ٿاندن جي ٿالهي،
حالي فيالحالي، منهنجو هوش جلي ويو.

○

عدم مان وجود ۾، آڻڻ جا احسان،
قدم قدم تي مليم، صدمن جا سامان،
تانگهڻ جا طوفان، سورن جا ساگر لنگهيا.

○

ٿوري تي ٿورو، قدرت مون تي توڪيو،
هڪڙو پنڌ ڏکيو بکيو، ٻيو بار گهڻو ڳورو،
هوندئن نه ته هندورو، ههڙا بيت ڪتان لکي!

○

هاڻي ڪوبه رقيب، ساڙيندوم نه شاهه،
باقي دوزخ باهه، واعظ ورچيندو وتي.

○

آءُ ٽيان اوتر، ساگر گهرو آنهه تون!
ڇولين تي ڇوليون اٿن، لهر لهر ڏونگر،
تاهم تنهن جو تَرُ، مون ڪان محبُ گهٽو پري.

○

مان تنهنجو صحرا، تون منهنجو ساگر،
آءُ ته پيهون پاڻ ۾، پيارا، ڏور مَ ڏرُ!
باقي لهر ڪپر، هر هر ڇمندي ڪيترو!

○

تنهنجو صحرا مان، سڄڻ منهنجو ساگر تون،
مجين ٿو مون ڏي ڪڏهن، ڪري قرب ڪٽيون،
سارو گهرجين تون، ٿهنگين آگ اجهي نٿي.

○

جاني آئين جِـيءَ، مُنهنجو جيءَ جلي چڪو،
هينئڙو ڪرڙي ڪپ تي، اُٿلي سائي ٿِي،
هيءِ هيءِ هاجو هيءَ، سڙان سڄڻ سامهون!

○

تيـڻو سو تيندو، ڏاڍو ڏڏُ ڏيان ري،
ها تہ ڏٺو ويندو، اهو وقت اچي سهي.

○

ٿـورو اڳـي سـال هـا، فـراغـت فـرصت،
هاڻي هِڪ هڪ منٽ آ، مون لئہ غنيمت،
جيوت سان غفلت، ويسا گهاتي ڪئي وڏي.

○

رهبر او رهبر! تنهنجو ياڳ پلو نہ ٿيو،
منهنجو مقدر، ڪهڙي ـدؤر بـرو نہ هـو!

○

آخر سنڌوديش ٿئي، هي ٿو مان بہ مڃان،
ملي جان پناهہ جي، ٿورو فرق پڇان!
سنڌي قوم هٿان، يا ڪنهن ڌارئي قهر ڪان.

○

لهرن تي لهرون اٿيون، ڇولين تي ڇوليون،
هل تہ هلي هن اوٽ وٽ، هڪبئي کي ڪوليون،
روح رڱون ڳوليون، جو هيءَ آڳ اجهي نٿي.

○

ننڍا ننڍا نينگرا، تينڊا جنگ جوان،
هوشياري هرجا ڪندا، سورهيائي سامان،
مارڳ تُنهنجو مانُ ملهي مٿاهون ڪندا.

○

ست ست مان "مان مان"، معنيٰ معنيٰ ۾ انا،
مينارن جي شهر مان، گذران جڻ پيو مان،
پتين مان "پان پان"، ڪاهيو ڪنن ڏي اچي.

○

اپريا يارن ست مان، اگرا ڪي اغيار،
محبت جي ميدان تي، نفرت جا مينار،
خوشبو وٽان خار، سٺا تون سٺا ڇا؟

○

هوري هوري ديد، دل لاتي تو دلدار،
چاڙهي چوٽيءَ چاهه تي نينهن ڪري نروار،
اڃليئه ڪائيَ خار، اتان اونهيءَ غار ۾.

○

ڍاڪونءَ توڙي ڍڪ، خسٿوريَ زوري ڪلي،
ساري، سگر، پاپڙا، ٻڪري سامهون آڪُ،
جهنگ ڇڏيو جوئر پوي، وهڙو ڪائي ڏڪُ،
چاهت، خوف، نہ ٽڪ، وٽنديءَ ڪي ووڙيو وڃي.

○

موسيقي ماحول ۾، تنهنجي سانت سنگيت،
گهورون ڇيڙن گيت، مرڪون شرنايون وڳيون.

○

نيڻ ٽين جي چار، نچن بادل ڪنوٽيون،
چپ ٽين جي چار، مصري مينهن وسي پون.

○

اِئين آءٌ اداس، عيشن جي انبوهہ ۾،
جِئين ميلو لال جو، اڪيلو اِنگاس،
اندر آهہ اماس، ٻاهر چنڊ چڙهيو تہ ڇا؟

○

منهنجو وس هلي، ڇانئيان اِپ زمين ڪي،
پينر آءٌ بلي، ڳـوليان هـوت ليي پوي!

○

جن لئہ ساهہ سڪي، سجڻ پڇڻ ڪان پري،
جنهن ڪان جوهہ لڪي، ڏجهڻ سدا سامهون.

○

سڪيلڏو ساهہ، اڪيلڏو ٿي پيو،
پاليو جو پاپوهہ سان، پيڙن ڪيو پاهہ،
ڳاراٿن جو ڳاهہ، جيڏيون منهنجو جندڙو.

○

گهڙي گهڙي گهڙيال، وڄن ٽا واڪا ڪيو،
ٽڪ ٽڪ جي سرتال تي، سُرڪن صديون سال،
اَها چال اچـال، آهـي آدجگاد جـي.

○

آدمر آرامي، جيون ۾ جيڪس تئي!
سمهاري سامي، ننڍون ڏينڌي نانهن جون.

○

جمي ڪين جمي، جيون هڪڙيءَ جاءِ تي،
ساعت سانت نہ ساھہ ڪي، تن ۾ تانگھہ ڌمي،
جيتر راهہ رمي، تيتر پنڌ ڪٿي ٻہ چو؟

○

ٿاهہ اُتي ٿهہ پهہ، ساعت ماڻ صديون ڪري،
چار گھڙيون چهہ ٻهہ، باقي ينب نصيب ۾.

○

اکيون

اکيون ٿي اهڃاڻ، استاد ايرادو وڏو،
توڙي پيرين ترهٽون، تکي اڳتي تاڻ
چاٽيون ڪري چاڻ، اوندهہ اورانگهي هلو!

○

نينهن نظر جا تير، مٺا بوند بهار ڪان،
چاهت چيري دل ٺري، چاوت چمي چِير،
آزار ٿي اڪسير، استاد آهن عشق جا.

○

ڪي ڪي اکيون اُڃَ، ڪنيون ڪوهن ۾ ٻڏن،
وَسهن ۾ استاد چٽي، سانديو وتن سُڄَ،
سِپن ڪارڻ سڄ، هو جو پاٽي هيترو!

○

سڄڻ سور هُنڏون، هٹن منهنجي هانءَ ۾!
اڃي ڏس استاد جي، اکين جي پَٽَ، پوڙ،
تارا تباهہ تو سوا، چانڊوڪي ڇڪچور،
اتي تانگهہ تنبور، اتي انگ انبور ۾.

○

پنبڻين مان پيڪان، جوڙن ڪجليون جُوهہ سان،
ٽيئي ٽول اکين وٽ، ڪلف ڪنجون ۽ ڪان،
سک دک جا سامان، سڀ بخاري سونهن وٽ.

○

بيٺي ٻسٽ ٻاڻ، هينئڙو يار ٿري پيو،
ٻيهر ٽيهر ڇا چوان، هر هر تاڻ ڪماڻ،
سڀ سِڪون استاد ٿئي، سلهاڙيون توساڻ،
پرتي موڙ نہ پاڻ، گهورون يار گهپيون رهن.

○

چيتي جهڙي اڪ ۾، چيتي جهڙي چيلهہ،
اچي ٿيا استاد جا، انهيءَ سان منهن ميل،
هِنيان هرٽي هيل، توڏي خير خدا ڪري!

○

نظر ببر شير، پنبڻين جي پڃري منجهان،
تکي جڏهن تيز ٿي، روڪ بخاري پير،
گهرجي ڪهڙو خير، آجي ٿي الري پئي!

○

ناري، نوري نيڻ، ويري، وارث، واهرو،
اُجلائين نہ اوپرا، سنياليں تہ سيڻ،
آءٌ اڳيئي ميڻ، آگ بخاري عِشق ۾.

○

تحرير ۽ تقرير، اکين تي استاد ڇا؟
تارن ۾ تدبير ۽ تارن ۾ تقدير،
پُوڄيان ڪري پير، مجيم ديد مريد مان.

○

ڪي ڪي اڪيون ايتريون، اونهيون آڙيڪاپ،
ويئي ويئي ماٺ ۾، ماپي ويندَيون ماپ،
آچيندَيون استاد کي، آڳانجھا آلاپ،
چاتيءَ مٿان چاپ، چنبيندي چاپي ويون.

○

نينهن اچي نيڙا، گهورا ۽ گهربل ڪيا،
محبت جي ميدان ۾، مس متا ميڙا،
اکين اکين ڪي ڏنا، استاد آکيڙا،
سنڌا ۽ سيڙها، محبت نيٺ مٿي چڙيا.

○

سهٽا ماٺھو سَوَ ڳٽا، منهنجي من جاميت،
گهوريان تهنجيءَ گهور تان، روز گلابي گيت،
پارس جهڙي پريت، آئٽ آ استاد جو.

○

سهٽيون اکيون سنڌ ۾، خاص بخاري ڪوڙ،
تنهنجين سان تِر جيتريون، جاني ناهن جوڙ،
ڪجليون پيون ٻه ڪروڙ، تُهنجون تجليون تيز ٿيون.

○

اکيون عين عجيب جون، استاد اکيچار،
چارئي ڪنڊون چمڪنديون، ڇهتي ٿينديون چار،
آچار ۽ ويچار، اکينديون اک چِنڊ ۾.

○

کلي پيارن کير، اکين سان استاد کي،
گهُنڊيءَ سان گهوڙي هٽن، ڪليجي ۾ ڪير،
تکي مارن تيرَ، چِٽن ڏوران چوٽڙو.

○

ديد دناليءَ سان ملي، ڇاتي دونالي،
ٻچي ڪير ٻخاري ڇٽي، چار ڏڪي چالي،
جيتيو جوڏن ڪي وچي، حسن هٿين خالي،
عام، اتم، عالي، سيئي سونهن سلهاڙيا.

○

اڪين سان ٿي اور، سُٽن سيڻ سٽڻ ري،
تڪا نيڻ لکي سگهن، جهومڻ منجهان جهور،
ٻخاري جي ٺهڪ ۾، پاتيءَ جيڏا پور،
هر هر ڦتڪن هور، سي ڪيئن ستجن سانت ۾.

○

هو جو تنهنجا هور، پري ڪان پرکي وٺي،
تڪڻ ساڻ ڪري وچي، تنهنجي سڪ جي تور،
استاد ان سان اور، سٽي جيڪو سرت سان.

○

اکين جا انعام، اکين تي استاد ڪي،
اکين جا انڪار ۽ اکين جا انجام،
نگاهن جي نام، منهنجا سارا ملمرا.

○

تنهنجي نينهن نگاهه، تاري ٻوڙي توهه ڏئي،
ڪڏهن سڙهه صلاح سان، ڪڏهن ونجهه تباهه،
گهورون، ويرون، وهڪرا، اکيون سمنڊ اٿاهه،
استاد احمد شاهه، توڪل جا ترها ٻڌا.

○

بيت

مومل راڻو

داستان پهريون

○

لڳي ٿي هيءَ ڪائنات، ڪهني وڏي ڪاڪ،
ڏاڪن تي ڏاڪا ڪئين، ٿاڪن مٿان ٿاڪ،
هستي حيرتناڪ، عجب رنگ اننت جا.

○

جيئي پنهنجي ڪاڪ، جيئن سوڍا، سوڍيون!
ڪل ئي ڪائنات ۾، ڦٻي آ هيءَ ڦاڪ،
هميشه حسناڪ، هجي پنهنجي هيج سان.

○

هيءَ جا ڪاڪ ڪنڌي، جتي مومل مينڌرو،
اِتي ريت تِتي وهي، اِتي نينهن نبدي،
ڪنهن کي لال لڌي، ڪنهن کي ڪاتي ڪنڌ تي.

○

گنل پينل ڪيتري، ڏڏيل ڏوليل ڪاڪ،
پوڻ ڪڪوريل ڪاڪ، هرڪنهن سن سان سرخرو.

○

توڙي جهور جهڪور، جڳن کان جاڙون ڪيون،
ڏينهون ڏينهن اتامري، پوڻ ڪاڪ-ڪڪور،
نوان نينهن نڪور، نوان مومل مينڌرا.

○

ڪالهه ڪڪوري ڪاڪ، اڄ اجائي اڳيري،
مومل سومل مينڌرا، بان بري بيبباڪ،
نه ڪا چاڻ چُني چڪي، نڪي ٽڪا،
ٽاڪ، ڌرتي تنهنجي ڌاڪ، ويرو تار وڌاءِ ۾.

○

تازا ڪاڪ محل، تازيون موملون، مينڌرا،
تازا رنگ رتول جا، تازا منڊ منڊل،
تازا واس وليون، هوا، تازا ڪانگ ڪنول،
تازا ميل متل، تازا پنڌ پريتڻا.

○

دنيا جا تجلا، ڪورا جلوا ڪنوار جا،
جڳ جڳ جا جذبا، جهارا ڳيرو جوان جا.

○

اتان ٿي ويندا، راڻا، راڻيون رُتدا،
اتي ٿي ايندا، مومل ماڻڻ مينڌرا.

○

نسرن جهور جهان مان، نوان نوان نينهن،
چٽن ويندڙ ڏينهڙا، ڦٽن اندر ڏينهن،
منڌون، هيرون، مينهن، پيار پراڻا ڪين ٿين.

○

ڪاڪ نه ڪونيو "ڪين"، مومل، سومل مينڌرا،
منجهس جوڙون جنتون، منجهس دنيا، دين،
روزانو رنگين، اڳتي ڪان اڳتي گهٽي.

○

جهونجهڪڙي جهرڪيون، چوٽين تي چرڙاٽ ڪن،
سومهٽي سهڙي نہ ڪي، ساروٽيون سرڪيون،
ترڪي ترڪي مينڌرا ! اڃ گهڙيون ترڪيون،
ڇيھہ اڪيون ڇرڪيون، ڏسي ڏينهن ڏهاڳ جو.

○

پٽ تي پاريهر، ڪنگر تان آيا ڪهي،
ڇڳن، ڳنڪن چاھہ ۾، خاص ڪنڌيڙي پرَ،
هلن هڪبئي سان مِلي، هيج منجهان هر هر،
پکين سکي پربت جي، ڪيڏي سولي پر،
هئہ! سوڍا! هيڪر، پکي ٽي پهچي وڃين.

○

ڪوئي متي مور، ڏيدي ۽ آڏو ڊيل،
ڏِسيو، ڏوران پئي ڪري، مَحبت ڪي منهن ميل،
جهڙيون جنسي جيل، ماڙيون توريءَ مينڌرا!

○

ٻانگي ڏني ٻانگ، ڳچيءَ ڳاٽ اُڀو ڪري،
ڪيڏا ڪُڪڙ توڪيا، سِڪ سڏن جا سانگ،
ڪهڙي ڪمَ جا ڪانگ، الا! آءُ اڏي اچان!

○

ڪاڪ ڪپر ڪبريون، ٽيڪن ٽيون ٽولا ڪري،
راڻو مومل ڪان رئو، ڪنڌيڙن خبرون،
سرتيون پيار پچار ۾، سيئي سبريون،
گهنڊ ٻڌو گهبريون، مومل ماٺيو مينڌرو!

○

مومل ماڻي مينڌرو، هنڌ هنڌ تين هُلَ،
مينڌي لڳي منڌ کي، ڳائن ڳاڙها ڳُلَ،
موجون بنا مُل، خوشيون خيراتون ٿين.

○

مومل ماڻيو مينڌرو، مينڌري مومل،
ناتر نيلي ٿي وئي، سهمي وئي سومل،
باقي ڪاڪ ڪنول، جر سوڌو جرڪي پيا.

○

مومل ماڻيو مَلُ، سومل سهج ڏِسيو سِڪي،
ايڏو اوج اجهل، ڪڏهن ڪاڪ ڏٺو نہ هو!

○

مومل ماڻيو مَلُ، مومل ماڻي مَلَ،
ٻئي الفت ٻڪَ ۾، ٻئي هڪٻئي ٻل،
ڪنول ڪنول پٽي ڪل، راڻو ڪاڪ رنگي ويو.

○

سرڪي وڃ سوڍا! سجي، مُند مڙيئي مَنڌُ،
هينئر هيءُ ٿي هنڌ، ماڻڻ جو ٿئي مينڌرا!

○

سرڪيندا سوڍا هلو، مان ٿي آهيان منڌُ،
صبح ڪٽي سوڳنڌ، سرهيءُ هير ٽڏيءَ ڇيو.

○

ميندري مَدُرا منجهان، مومل پيتا مَٽ،
سُرڪيءَ لٺ سومل سِڪي، ويٺي ڪائي وٽ،
ناتر نخرا نت، بچل کو بخرو ملي.

○

مَنڊُ ڪري ڪجهہ ميندرا، مُنڊ سجي ماڪي،
اهي چپ ساڪي، جيڪي پِڪ چڪي چُڪا.

○

مومل تنهنجي پيار ۾، رت رت جو اوتار،
آرهڙ هينڙڙي ٺار، سياري سيءَ لٿو وڃي.

○

مومل تنهنجي مَنڊ ۾، خطي خطي جي خوءِ،
ريگستاني روءِ، ڪوهستاني قربڙا.

○

ڏاڍا ڏڍَ ڏٺي، ڏاڍا وڏ ڏٺي وٺين،
تو وٽ هل هٿي، مارين، جيارين ميندرا!

○

مون وٽ پهر رکي، ساري عمر ڪٽي وٺين،
اندر اڄ اوهاڳ جي، چپن سُرڪ چڪي،
رهندو باهہ ٻکي، اگر انگ ڪري وٺين.

○

ڪٽ وٽ رکي لٺ، جهٽ پٽ موٽئين ميندرا!
ٽڏا ساهہ پري هٽئين، ڪانہ ڪيئي ڪا ڪٿ!
سوڍا تنهنجون سٺ، منهنجي هڪ ميار ٿئي.

○

هنڌ تي رکي هٿَ، موٽڻ ناهہ مناسبي،
ڪاٿہ ڪرين ها ڪٿ، سوڍا مُچ ڪري وئين.

○

ويڌن ويڌي تي وئي، ڏنيي وئي ڏِڪَ،
سارُيئي اڄ سنجيدگي، تارُيئي هلڪي تڪ،
لکئي واري لِکَ، مان تہ نہ مجان مينڌرا!.

○

جيڏا جوڙا مينڌرا، ايڏا اُڀرا،
پهچي چڪين توڙ تي، لتاڙي پهرا،
سچاڻين ها خير شر، چڱيءَ پر چهرا،
غور ڪري گهرا، بيهين ها بي خوف تي!

○

سوڍا توري سچَ، ديدن ڏاران سوجهرو،
بني بنا ٻَڄ ڪڙميءَ ڪهڙي ڪارِجي.

○

ڪڏهن ٿيندو ڏينهن، راڻا رات اِنگهي وئي،
نڪو نبري نينهن، نڪو سچ ڪَني ڪڍي.

○

راڻا! توريءَ رات، موت پڇاڻا مامرو،
نڪا راهہ نجات، نڪو ڏينهن قيام جو.

○

راڻا! توريءَ رات، ڪاري سير سمونڊ جي،
لهر لهر جذبات، ڪنڌي ڪانئي، جا ڇهان!

○

داستان چوٿون:

اهڙو انتظار، پوري عمر ڀري لنگهي،
گهڙي گهڙي پئي سڙي، ايندو نيٺ تہ ٺارُ،
قسم سڪ جو، پيار، او مون يارَ! اهو ڪيو.

○

عمر اوسيئڙو ڪيم، اڃا اوسيئڙو،
اوسيئڙي جي سمنڊ ۾، ڪرڙي مون جيئڙو،
اوسيئڙو ويڙو، سوڍا سڀ ھليو ويو!

○

توڪي او جوين، مان تو باھ جھجھڙ چوان!
مون تنھنجو جيون! نالو اوسيئڙو رکيو.

○

اُجھامي ويندياس، اوسيئڙا ايذا ڪري،
آخر جلي رک ٿي، اوتر ۾ اٿندياس،
چَرن ڪٽ چمندياس، راڻا، تنھنجا راھ ۾!

○

سمهين ڪاڪ سڄي پئي، جاڳي پئي مومل،
سِيرائي تي سور تا، دل ۾ ڪڏين سل،
بتر ڳرا پل، چِٽن ھانءَ، چُرن نتا.

○

ڦڙڪي پئي جيئن جيئن بتي، تڙپي پئي مومل،
مروتي پيڙي منيون، سڏڪي ملي ڳل،
جيءَ جگر ۾ جَلَ، راڻا رڻُ ڪري وئين!

○

تيل ڪٽو، وٽ ٻري، جيبيون ٽيون ڇارون،
ٻچيون ڏيئي ڏيل ۾، دونهين جون ڏارون،
سنهايون ساريون، اوجهو، اُجهيون پيون اٿئي!

○

نڪو مئو مينڌرو، نڪا مئي مومل،
جهونگارن جل تل، وايون تن جون واءَ ۾.

○

مُوتو قبل مينڌرو، "موتو" پڻ مومل،
جڳ جڳ جيئرا سي، ڏنا، جيون جن ڪي جل،
'نانهن' منجهان نرمل، آهن اڄرا 'آنهن' ۾.

○

جدائيءَ سان جهيڙ، جيڪا جهوريو ٿي وجهي،
متل آ ميلاپ ۾، وڇوڙي جي ويڙهه،
اٿي جهد جهاد ڪر، ڳري ٿي نہ ڳيڙهه،
محبت نجي ميڙهه، همت هجي حوصلو.

○

جدائيءَ سان جنگ، ڪرڻي پوندئي ڪامڻي!
ستي ريهون ٽي ڪرين، اٿي راهون رنگ،
وجهي ٻانهون ونگ، دانهون، دوست ڇنيو وڃي.

○

ملهي مهاڏو، ڦِٽي ڏيج فراق سان!
وڇوڙو سوگهو ونگي، ڪوڙائيندءِ ڪاڏو،
ڳانڍاپو آڏو، اٿئي، اٽ ٻلو تہ ڪر!

○

وڏي ڪا ويڙهاند، وڇوڙي سان منڊ ڪر!
رُئا پيار ڪنا ڪرڻ، ناهي ڍاري راند،
ميڙون ٻڌي پاند، مومل هل جمير ڏي.

○

جوٽي ڄڌ جهيڙو، جدائيءَ جي جند سان!
ويري وڇوڙي وڏو، سنگت ۾ سيڙهو،
محبت جو ميڙو، جڙندو وڏي جهد سان.

○

ڪيئي قهر فِراق، واويلا وٺڪار ۾،
ڇجڻ ڇنو سنڌ کي، پِٽن ٽاٽا ٽاڪ،
تارو تارو ڪوڪرون، ٻارو ٻارو ٻاڪ،
ڪينجهر، سنڌو، ڪاڪ، مڙيا ڳوڙها ملڪ جا.

○

جلين جدائي! منهنجي جند جلي پئي،
وجهي ڪرت وجود ۾، تو رڳ رڳ وڍائي،
گهٽي گهائي، منهنجي دل جي ديس جي.

○

داستان پيو:

نہ مِهرِيون سيئي مومِلون، نہ سوڍا سڀ راڻا،
دل وٽندا داڻا، ڪي ڪي آهن ڪاڪ ۾.

O

ڪوڀا مرد ڪهي، پهتا ڪاڪ ڪنڌيءَ تي،
ڏوهن نيٽ ڍهي، سچن ڪي سجدا ڪيا.

O

ڪاتي ڪنڌيءَ ڪاڪ جي، تنهن ڏي تاڻي ڪو،
اونهون عشق عميق جو، ايڏانهن آئي ڪو،
مومل ماڻي سو، مومل، مومل ڪن گهڻا.

O

* چوٽن متان چوٽ، چڪائي تي چاڳلي،
ڪندا ويا ڪاڪ مان گهوڙا، گهوڙا! گهوٽ،
اڻ ماٽيل اڻ موٽ، مڙسيءَ سان ماڻي ويا.

O

اَيَ لڳا آڙاهہ، مومل جي ماڙيءَ اڳيان،
ڏسيو ڏوران ڏاگهہ ڪي، ٽي ٽي ڪاٽن ٽاهہ،
نڳيون، ٽلها ٽاهہ، سوپارا سمجهيو وٽن.

O

---

* چاڳلي= نخريلي، ناز واري.

مهيسي مهان، ڪُندن- ورنو ڪاپڙي،
جوڳي ڪوڙ جهان ۾، جهڙس ڪونہ جوان،
سچو سچ سمان، جنهن کي سچي سوجهرو.

○

"بابو بان بري"، آيو ايندو پيو اچا،
ڏيندو ڏس نوان سنوان، واري ساڻ وري،
مرڻا اگ مري، جوڳي جيرو ٿيو گهمي.

○

هڪڙا ڪارنهن رات جي، ٻيا سامي سچ ورن،
هڪڙا تمڪن ڪنڌ ۾، ٻيا ڪنڌن لاءِ ٻرن،
بستي منجهہ برن، صحرائي سوڍا ڪندا.

○

ڪاڪ جڙيو جادو، خوشيءَ، خوف، اميد جو،
جيڪو چنبڙيو جيترو، سو تيترو قابو،
پنهنجي پنهنجي هيج ۾، سياڻو ڪِي ساڏو،
بانڪو يا بابو، سيڪو سهڪي سوڀ لئہ.

○

پرڪي ويو سوڍو سِگهو، ٻُتو ڪوڙو ٻَمُ،
نڪا آگ آڙاهہ ۾، نہ درياهن ۾ دمُ،
ڪوپي ورتو ڪم، همت سان گڏ هوش ڪان.

سوڍا سهسين سنڌ ۾، آيا پيا ايندا،
مومل مقصد سامهين، تنهن ڏي تاڻيندا،
منزل ماڻيندا، ملهي ڪي ڪي مينڌرا.

○

مومل آ مقصد، ماڻهو ماڻهو مينڌرو،
ڏسڻو آهي ذات ڏي، ڪيڻو ناهي قد،
راهن ۾ ڪو رد، منزل تي ڪو معجزو.

○

مون سان تو ڪي مينڌرا، الجهايو مونجهار،
اجا ڪجهہ ويجهو اچي، پرجهين ها وينجهار،
جهيڙي سان جهونجهار، جويون ناهن جيتبيون.

○

هڪ تڪڙ بي تڏ، مڙسن ڪي منهن تي نہ پئي،
نڪا مومل ميرڙي، نڪا وٽس وڏ،
آڏو سوڙهي اڏ، سوڍا! ساگر تو چوين.

○

ماڙي مال مڏيءَ ڪان، ملڪيت مهل وڏي،
وهندي ڦوهہ وهي وڃي، جا تو ڇوٽ ڇڏي،
هيڏان آبن وڏي، توڏان هوڏ هٺي نٺي.

○

تن جي تانگهہ ۾ ٽِي گهڙيون، من جي مانگ امر،
مان ڇا ڇانءَ ڇمر ڪنديس، ڇڏي ڇانوَ ڇپر،
سوڍا! ساڻ سمر، هوندم تُنهنجي هيج جا.

○

مون ڪي ڏٺي ڏينهن، ورهيہ ساڻ ڪٽي وئين،
مون ڪي گهرجن مينهن، ماڪ وسايئہ مينڌرا!

○

مٺا، سهڻا، محبتي، هوڙهيا مينڌرا،
تو جَس جيترا، ڪيس بہ ڪيئہ ايترا.

○

داستان ٽيون:

پياري پياس ڏئي وئين، سرڪائي وئين سِڪ،
توڪان ملي تڪ، مون کي سمنڊ سڄو ڪپي.

○

نينهن گهري نس نس، رڳون منگن مينڊرو،
آڳ لڳي وئي ڪاڪ کي، جيئون جييون گس،
وري الائي وَسَ، ڪڏهن ڪندي ڪاڪ تي.

○

پياري تاس تکي ڪري، چکائي وئين چَسُ،
پيتم رات سهاڳ جا، تسن متان تس،
راڻا! ساڳيا رس، هاريو رَت رُئان پئي.

○

پياري پياس ڏئي وئين، چکائي وئين چاهه،
اڳي سگهندي اک هُئي، هاڻي سارو ساهه،
اندر ۾ آزاهه، ٻاهر مومل، مينڌرا.

○

آءٌ! گهر منهنجي مينڌرا، يا گهر ڪوٽ ڪڏين،
سا گهر ڇو نه سڏين، جا گهر گهاري هيڪلي.

○

مومل ٿي موکي، سومل مُئي وهه گاڏئين،
رات متاري مينڌري، چشمن ساڻ چکي،
ڏسڻ ساڻ سکي، قاتل لڳس ڪُکِ ۾.

○

عشق نہ ڄاڻي انت کو، برھہ نہ ڄاڻي بس،
ملي ھيس مينڌرا، محبت سان مس مس،
جاني! توکي جس، ڏئي جان کسي وڃين.

O

مومل راڻو پاڻ ۾، رسن يا پرچن،
ملئي جيون جھومندا، ڇني تن تڙپن،
تاسارا ترسن، پاڻيءَ هوندي پاڻ ٿا.

O

رسي راڻي اک ڪنئين، ڪاري نانگ ڪَکيو
ناھي لوڪ لکيو، چوريءَ زهر چڙهي چڪو.

O

راڻا! رات رُسي، منهنجي ٻُس ڪري وئين،
جيڏي آءٌ ڦڪي ڦڪي، ايڏي ڪاڪ ٻُسي،
ڪسڻ ريءَ ڪُسي، مان تان ويس مينڌرا.

O

رڻ پٽ توبن رين، مان رڻ پٽ تي پوپري،
دل تي دل جو دين، جيڪو پوکي سو لڻي.

O

ڇوڇو ٿي نہ ڇڄير، اوچا لفظ نہ آڇ تون!
سرتي ٿو سرتو چوين، ايڏا انڌ انڌير،
غار ڪرين هان غير، دوئيءَ ڪان دهکي وئين.

O

او ايڏي هڙٻڙ، جيڏيءَ کي جيڏو چوين!
ماريو تُنهنجي ميندرا، ٻارائيءَ ٻرٻر،
سوچ، صبر، ٿانهر، سڀ ڪجھ ٿي سوڍا ڪري.

○

سوڍا! تنهنجيءَ اڏ ۾، ارڏائيءَ جو رڏُ،
مڪيم ميڙيون، محبتون، سٽيٺ ڪوٻ نہ سڏ،
گهڙيون گهاري گڏ، عمريون آزاري وئين.

○

سوڍا! تنهنجيءَ سوچ ۾، چمڪي سرداري،
آءُ جا عيبن هاٽڙي، ڪوجهي ڪاٽياري،
نڪريءَ جي کهڙي نهي، هيري سان ياري،
زاري آ زاري، حجت ناھ حمير سان.

○

ڳالهائين تہ ٻہ ڳڻ، سوڍا سرچڻ ٿيو پري،
الا! اجکلھ ٿي لڳان، آءُ رڳو اوڳڻ،
سوڍا، رڳو سڻ، چوڻ ميچ! چوان نٿي.

○

سوڍا! تنهنجي سوچ کي ٻلايو سنسن،
ٻنيلايئي ٻرمن، ڏنئي ڏنڀ ڏهاڳ جو.

○

سوڍا! تنهنجي سَڏَ تنتن ۾ تڙپي پئي،
هتان وجهي وَڏَ، اتان نمڪ موڪليئي

○

سوڍا! تو ٽوڙيو، جوڙيو آءُ جيان پٺي،
وڇوڙي ڀوڙيو، تنهن جي ياد تران پٺي.

○

سوڍا تنهنجي سڌ، سُڌيءَ سُڌيءَ ۾ اٿم،
اندر هنيون اڌ، منڍي ڳولي مينڌرو.

○

راڻا! رسامي، توکي روڪي جي رکيو،
دليان جانيان مان اچان، درمي ۽ دامي،
طعامي ۽ قيامي، هيڪاندي توسان هجان.

○

ڳيري ۽ ڳيرو، ٻئي ڳاڙهيءَ ٻير تي،
پلو رُت بسنت جو، پونءِ مٿي پيرو،
ڪيو ڪنڊيءَ ڪرڙ تي، ڦوٽهڙي ڦيرو،
ورا ههڙو ويرو، موٽي ملندو ڪين ڪي.

○

طوطي ۽ طوطو، سونهن سائي ٽاز تي،
موٽي منڌ ملهار آ، ڌرتيءَ کي ڌوتو،
سو، سوڍا! ڇوتو، پنهنجا پيار وساريا؟

○

ڪانويليءَ سان ڪانءَ، اوري اچي ڪوٽ تي،
توريءَ منجهي مينڌرا، هيڪل مُنهنجو هانءَ!
ڏاها، توکي ڏانءُ، ناهي پکين جيترو!

○

وايون

مومل راڻو

وائي ١

جيڪي سانڍين سيس،
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

مومل مائي مينڌري،
هيڪاندن ڪي هيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

سوڍا سهسين سنڌ ۾،
تُنهنجا جوڙ نہ جيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

ڄابي ويا ڪئي ڪاڪ جي،
گسن متان گيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

ڪاڪ ورهائي ترب تي،
ڪاڪ ڪرائي ڪيس.
توسان ريس، ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

اڳِ تي استاد ها،
اوتار ۽ ابليس.
توسان ريس ڪانئر سي ڪهڙي ڪندا.

○

وائـي ٢

سانديان ڪاتي سِڪ،
اکين مان اٿليو پوي.

اوٺ، بوڇڻ ۾ ڪجان، لُڇَنُ ڪهڙي لِڪ.
صبر، سانت سمهڻ ڪيو، ڇيهون ڇيهون ڇِڪ.
نوڪر مٿان نوڪرون، جيئون پيڙهہ جهِڪ.
ڳائي ساري ڪاڪ پئي، ڪوڪڻ واري هِڪ.
هيءَ جا ڪنڌي ڪاڪ جي، ٻورو ناهي ٻِڪ.
ساهن ۾ سرڪي پئي، ٽاٽ ٽٽيءَ جي ٽِڪ.
لوڪ ستو استاد پر، سُتي ناهي سِڪ.

○

وائي ۳

منزل آ مومل،
مومل ماڻي مينڌري.

ڏسي آڳ اڪٽين اتان موٽيا موڳا مل،
مومل ماڻي مينڌري.

اندر ڪڪر ڏنڌ جا، ڪنوڻ ڀهران ڪل،
مومل ماڻي مينڌري.

ويهين سن ۾ ڊيل تي، عشق ڪمائن آلَ،
مومل ماڻي مينڌري.

آخر سوڀ استاد ڪئي، ايرادي آٽل،
مومل ماڻي مينڌري.

○

وائي ۴

تو ڏڪ ڏاريو، تو هاڻ ڻاريو، تو باهيون لاتيون،
توبن راڻا! ٽِچڪن ٽاڻا:

هنڌ هندورا، پٽ جا ڏورا، ڪِير، چريون، ڪاتيون.
توبن راڻا ٽِچڪن ٽاڻا.

پڙنڪي پڙنڪي مون تي اُلرن، جن تہ ڪُتيون، راتيون،
توبن راڻا ٽِچڪن ٽاڻا.

طعنا مهڻا مان ڪٽ ڏاپيون، سرتيون ڇڙواتيون،
توبن راڻا ٽِچڪن ٽاڻا.

ڪَتيون، بتيون، ڪَڙڪيون شاهد، جي پاٽم جهاتيون،
توبن راڻا ٽِچڪن ٽاڻا.

ريت تتيءَ جي من جون تانگهون، مينهن ڪٽي ڇاتيون،
توبن راڻا ٽِچڪن ٽاڻا.

عشق لڳو استاد بخاري، تو آهون ڳاتيون،
توبن راڻا ٽِچڪن ٽاڻا.

○

وائي ٥

وچ تي وڪڙ ول،
منزل تي مومل چوڏاري چاري گهٽا.

گدڙ، لومڙ، پولڙا، چٽيل چيتي ڪل،
چوڏاري چارِي گهٽا.

گدا، ڪهٽا، لنديون ڪپر، ڪوتا دل،
چوڏاري چاري گهٽا.

اندر باغ بهاريون، باهر بارن ٻل،
چوڏاري چاري گهٽا.

ملهو مومل ماڻيو، پوڪارن پل پل،
چوڏاري چاري گهٽا.

بانڪا بانڪا باهڙيا، تلن بيٺا تل،
چوڏاري چاري گهٽا.

مومل ڪي استاد چٽي، ماڻيندا اڻ جهل،
چوڏاري چاري گهٽا.

○

وائي ٦

رين ڪني ڪاري، سونهاري سودا ڪريون!

ڪارنهن برسي ڪاڪ تي، ٻاريون انداري،
سونهاري سودا ڪريون!

وٺن تي ويهي ويا، چپرا چوڏاري،
سونهاري سودا ڪريون!

ساري ڪاڪ سهاڳ لئه، وسڪي ويچاري،
سونهاري سودا ڪريون!

توبن مون کي مينڌرا، اندر ۾ آري،
سونهاري سودا ڪريون!

توريءَ منهنجو هينڱڙو، ٽچڪي ڪوٺاري،
سونهاري سودا ڪريون!

محنت ڪندي مينڌرا، سنگت سوياري،
سونهاري سودا ڪريون!

راڻا! آءَ تہ راڄ ۾، جوڙيون جنساري!
سونهاري سودا ڪريون.

ييچ يني استاد ڪئي، پرينءَ پوئواري!
سونهاري سودا ڪريون.

○

وائي ٧

موٽ ڇڏي ماڻا،
او سياڻا، راڻا! ڪاڪ ڪڪوري، ڇوري توڙي.

سوڍا سيئي موتيءَ داڻا، او دل جا داڻا!
، ڪاڪ ڪڪوري ڇوڙي توڙي

تون جي ڪانڌ ڪچايون ڪيندين، توڪيندا ٽاڻا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

توبن ڌڏڪا هنڌ نڌڪا، ڍينب صفا ياڻا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

ڏَٽ گهٽين ۾ ڍولا تنهنجا، هر هر هاواڻا!
ڪاڪ ڪڪوري ڇوڙي توڙي.

سونهن ۾ آهن هاڻي سهسين، سعيا ساماڻا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

پور تہ پوريون هور بخاري، جهوريون جهوراڻا،
ڪاڪ ڪڪوري، ڇوڙي توڙي.

○

وائي ٨

ساري رات لڇي،
ڪاڇيءَ ڪانھ ستي، راڻا رات نہ پهتين!

پونءَ ڪان لڳي اُڀَ ڪي،
ايڏي آگ اُٿي- راڻا رات نہ پهتين!

ساري عمر سهاپ ۾،
گهڙي هڪڙي گٺي- راڻا رات نہ پهتين!

مون تان توھ منگيو ميان،
۽ تو ٽوڪ مڪي- راڻا رات نہ پهتين!

هيڏو نانءُ همير جو،
هڪ بي ڪانھ ٻڌي- راڻا رات نہ پهتين!

مون کي ڏک ڏهاڳ جو،
ساري ڪاڪ سُکي- راڻا رات نہ پهتين!

دردي دل استاد جي،
دونهين وانگ دکي- راڻا رات نہ پهتين!

○

وائـي ٩

پـٺـي ٽـي تـڙپـي دل،
سهڪي سڏڪي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!
مُٺيءَ جو ترس پوئي ڪو!

رڪيٺي ٽاندا روح تي،
پٺي.ٽي ٽچڪي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

ٻارن وانگر ليٽڙي،
پٽ تي ڦٿڪي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

ڏکيو سور ڏهاڳ جو،
هر هر ڏنيي دل- راڻا رحم پوئي ڪو.

توبن ڪنهن کي دانهن ڏيان،
تنهن جي سڏجي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

استاد آءٌ عذاب ۾،
روئي رنيي دل- راڻا رحم پوئي ڪو!

○

وایون

متفرقه

وائي

جاءِ اها جلندي،
باھہ جتي ٻرندي- ڪھڙو ڪنھن کي آ پتو،
دل جو دل کي آ پتو.

سور مڪمہ قاصد ڪري، ”صبر“ ملي ورندي.
ناهي تنڊ نصيب ۾، خواب ڪٿان لهندي.
اُٿلي پٿلي هر گھڙي، رات سڄي لنگھندي.
وينو سوچيان وقت تي، نهر وچي وهندي.
دل جي ٽيندي مالڪي، ٻاجھہ پرينءَ پوندي.
دل جي رُئندي چؤنڪ تي، خلق ڪلڻ لڳندي.
آس اُجي استاد جي، رُڃَ اجا رمندي.

.O

وائي

دل جي ٻڙ تي پور ٿو، ڳاهہ پيو ڳاهي،
ننڊ بہ ناهي.

ٻاهر جڳ تي ڪو ڪتو، ڪيڏو ٿو ٻاهي!
ننڊ بہ ناهي.
ڇا هو ڪاري ناڳ سان، سينو ٿو ساهي؟
ننڊ بہ ناهي.

هاٿي بيٺو سور آن، تون لاهي پاهي!
ننڊ بہ ناهي.
سهٽي اُبڙي يا ٻڏي، چولين ڪي ڇاهي!
ننڊ بہ ناهي.
بيواهي سنسار جي، ڪهڙي واهہ آهي؟
ننڊ بہ ناهي.
سوچيم رب رحيم آ، پر ڇا ٿو ڇا هي؟
ننڊ بہ ناهي.
قـوت ايرادي وڌاءِ اڏس ڏنـو ڏاهـي.
ننڊ بہ ناهي.
تڙپي ٿو استاد پي، شعر بہ پيو ٿاهي.
ننڊ بہ ناهي.

○

وائـي

سنڌڙيءَ جا سينگار،
ڌرتـيءَ جـا دلــدار!

تنهنجي منهنجي ياري،
هاري ناري، ڪڙمي ڪاري.

پائين ڇيٽ، خريف جا، هر هر ٽَر ڪي هار.
تنهنجي منهنجي ياري.

تنهنجيَ عشق امنگ سان، جوءِ سڄي جنسار.
تنهنجي منهنجي ياري.

ڪڙمي! تنهنجيءَ ڪار سان، چوڌاري چمڪار.
تنهنجي منهنجي ياري،

زنده باد استاد بخاري، ساٿي سِرجڻهار!
تنهنجي منهنجي ياري.
هاري ناري، ڪڙمي ڪاري.

وائي

ساجهر سوچيائون،
جوڙو جوٽيائون،
هر سنيالي هيج سان.

پليءَ پنهنجيءَ پونءَ کي کلندي کيڙيائون،
هر سنيالي هيج سان.

ٻيلهون، ٽيلهون، سانهرون، ٺاهي پوکيائون:
هر سنيالي هيج سان.

پوءِ جا پوک پچي پئي، مرڪي ميڙيائون،
هر سنيالي هيج سان.

محبت سان استاد چئي، محنت موکيائون،
هر سنيالي هيج سان.

○

وائي

روڪ بڪارا نيڻ، گھايل تي گھائي وجھين !

پورهيو تنهنجو پيءُ ماءُ، بڪ ٻلا ڇو پيڻ؟
گھايل تي گھائي وجھين.

ساٿيءَ کي سڏ ڪوڙ مان، ويريءَ کي ڏي ويڻ!
گھايل تي گھائي وجھين.

ٻالن سان رڪ ٻاٻپي، سنورهيائي ڪرسيڻ،
گھايل تي گھائي وجھين.

گوري پوندا گنج تي، خوشيون توڙي ڪيڻ،
گھايل تي گھائي وجھين.

رهبر پِترا پيا تين، رهزن ڳورا ريڻ،
گھايل تي گھائي وجھين.

چنياٽيئون استاد ڇٽي، ڊمڻ، ڪپر، پيڻ،
گھايل تي گھائي وجھين.

○

وائي

سنڌڙي سينگاريندي، هاٺي ويندي ويندي،
آخــر خــاص عــوام،
منهنجا سڀ کي سلام!

ساميءَ ياد ڪيو آ، سچل رات سڏيو آ،
نياپا شاهہ مڪام،
منهنجا سڀ کي سلام.
راتيان ڏينهان وتندا، جاڳو جاڳو چوندا،
ڪافيون گيت ڪلام،
منهنجا سڀ کي سلام.
ڀاڳيا ڀاڳ سدائين، رهندا راڳ سدائين،
مـاٺهـو مـاڳ مـدام،
منهنجا سڀ کي سلام.
هيءَ جا آدي جڳادي، منڊان منڊ منادي،
ڌرتــي تُنهنجــي ڌام،
منهنجا سڀ کي سلام.
ڇَوِٽيون جوڙيون آسا، محشر سي بہ دلاسا،
مـامـن انـدر مـام،
منهنجا سڀ کي سلام.

قوليو چو ٿا بُڪري، جهڙي تهڙي ڳڏري،
موجون يا ماتام،
منهنجا سڀ کي سلام.

وهہ جو سمنڊ وچوڙو، ڊڪ ڊڪ قاتل ڪوڙو،
غوطا ڳام بہ ڳام،
منهنجا سڀ کي سلام.

بوسا تورڙي پالا، نغما تورڙي نالا،
جيون، تنهنجي نام!
منهنجا سڀ کي سلام.

اڳتي ڪاهڪشان ڏي، امڪان ڪان امڪان ڏي،
استاد آهہ اڏام،
منهنجا سڀ کي سلام

○

وائي

جاجڪ انگ اجار،
جوڳي جيءُ جيار، تن من تات تماري.

توريءَ آوت، منوا ياوت،
جهوم گيو گرنار- تن من تات تماري.

ڳاڙها لهرا- گونج گلابي،
طرحين رنگ تنوار، تن من تات تماري.

تنهنجون ڳالهيون ڳائن راڳي،
ڳوئن منجهه ڳنوار- تن من تات تماري.

تنهنجي تانن تات اپائي،
سازي پيا ٻه هزار- تن من تات تماري.

ساعت ۾ تون ثابت ٿي وئين،
صديون سرجڻهار، تن من تات تماري.

آفاقي آواز بخاري،
پاتاران پولار- تن من تات تماري.

○

وائي

چارڻ چنگ چنجور، سُرپُر ساري راڄ ۾.
ڳائي ڳڙهه گرنار ۾، محنت وند مزور ،
سرپر ساري راڄ ۾.

ساک رکيائين سک جي، ساز ڪيائين سور،
سرپر ساري راڄ ۾.

سوليءَ تي سڪٽو مٺو، ميڙي ۾ منصور،
سرپر ساري راڄ ۾.

ٽڙڪي ڏونگر ڏاڍ جو، ڪنبي ڪوٽ ڪلور،
سرپر ساري راڄ ۾.

راجا راضي ٿئي نه ٿئي، پرجا گهرج ضرور،
سرپر ساري راڄ ۾.

آڏُ وڏيون اڌ رات جو، آيو چاڻ اسور،
سرپر ساري راڄ ۾.

اڃو منهن منهن- مير جو، ڏينهن نه آهي ڏور،
سرپر ساري راڄ ۾.

غوغاءُ آ گرنار ۾، استاد آهه اگهور،
سرپر ساري راڄ ۾.

○

وائي

ساڳيا راڳ نہ ڳاءِ!
ڇٺو ڪا چيز نٺين،

جنهن سان جرڪن جيئڙا،
سو ڪو ساز سڻاءِ! ڇٺو ڪا چيز نٺين.

سُرندي سرندي سوپ ٿئي،
چارڻ پوءِ چواءِ! ڇٺو ڪا چيز نٺين.

منگين متان منگتا،
ڏيئي ڳالهہ ڳڻاءِ! ڇٺو ڪا چيز نٺين.

چيخون چوڻ ڇڙهي ويون،
مدّم خرچ ملاءِ! ڇٺو ڪا چيز نٺين.

جڳن تائين جاڳ ٿئي،
اهڙو اڄ وَڄاءِ! ڇٺوڪا چيز نٺين.

سچا سرلا ٻولڙا،
ٻاڙاڪين ٻڌاءِ- ڇٺو ڪا چيز نٺين.

جان جان جان جهان ۾،
تان تان تانَ نڀاءِ! ڇٺو ڪا چيز نٺين.

او استاد آواز ڪي،
زنده باد ٻڌاءِ ڇٺو ڪا چيز نٺين.

○

وائي

چارڻ گهور نہ گهُرُ،
جو گهورين سو گهور تون!

گونجائي گرنار اتائي، ٻاهر ٿر تي ٻُرُ،
جو گهورين سو گهور ٿون!

محبت جي محلات جو، راڳي! عرش بہ آڳر،
جو گهورين سو گهور تون!

ايري سج تي، پکڙي ٻج تي، سورج اهڙو سُرَ!
جو گهورين سو گهور تون!

ڏيئا، رات ڏياري آهي، جَهرڪي مرڪي جُهر،
جو گهورين سو گهور تون!

صدين کي جاڳاءِ ٻخاري، سانجهيءَ کان ساجهر،
جو گهورين سو گهور تون.

○

وائي

اڳـــوارڙو آفـــاق،
اڇي ڪو چنڊ مليو!

وهندي ڪات وصال جو ڦِٽڪيو رات فراق،
اڇي ڪو چنڊ مليو.

لاٿئين ڪاتيون ديد جون، منگيائين مشتاق،
اڇي ڪو چنڊ مليو.

پياري زهر-زبان سان، تڪيائين ترياق،
اڇي ڪو چنڊ مليو.

تڙگي آڳ اوهاڳ ۾، ماڻي عيش عشاق،
اڇي ڪو چنڊ مليو.

آدرشي استاد کي، عشق ڪري ڇو عاق!
اڇي ڪو چنڊ مليو.

○

وائي

آءُ غـنـي غـمـگيــن،
من -موجي مسڪين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

چانڊوڪيءَ ۾ چاهه چمان پيو،
سون مٽان چڻ مين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

جانيءَ جهولي، هولي ٿي هولي؛
روزانــو رنگين، زمـــانـا!
جيئي جاني ڪوڙ خزانا.

سور نہ سڏبو سهڻو ساٿي،
درد نہ چئبو دين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

عاشق ۽ عياش اهو ڪيئن؟
شـاعـر ۽ شـوقـين، زمانا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

نينهن سواءِ استاد بخاري،
نـور بـنـا نـابـين، زمـانـا!
جيئي جاني! ڪوڙ خزانا.

○

وائي

ٽاٽو سامهون ٽِڪ، ڙي جيڏيون!
باقي کهڙي لِڪ،
باقي کهڙي لِڪ.

عشق اٿاريون چوهيون چوليون،
پيريون پيريون پِڪ، ڙي جيڏيون!
باقي کهڙي لڪ.

مون تہ گهٽي آ رڳ رڳ روڪي،
چلڪي پيئي چڪ، ڙي جيڏيون!
باقي کهڙي لڪ.

واهڙ وَهہَ ۾، ڪاچي ڪَهَ ۾،
سهڪي پئي ڪا سڪ، ڙي جيڏيون!
باقي کهڙي لڪ.

پوري، عمر بخاري پيتي،
تاسي ڳيتي تڪ، ڙي جيڏيون!
باقي کهڙي لڪ.

○

وائي

چپ ٽين جي چار،
موسيقي ماکي لڳي.

شوق وڃن شرناءِ ٽي، انگ اپارن آره-
جذبا ڇٽڪن جهانجهن جان، تنبن تانگهن تار-
بينون، مرليون، بينسريون، الغوزا اظهار-
چپڙيون، ڇهه پهه چاهه، جي چرڪ، ڇهاءَ چمڪار-
سرندا، سنهڙيون سرپرون، گفتارون گيٽار-
بينجو، باجا بحث جا، يڪتارا اقرار-
ڇڄندي ديپڪ ڇيڙجي ،ملندي مينگهه ملهار-
آلاپن استاد ٽا، ساز منا سپ يار-
موسيقي ماکي لڳي.

○

وائي

منهنجي جان جلي ڙي، منهنجي جان جلي!

پاڻي کو نہ وجهي ڪٽي، لائي ڪير ڳلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

جهڙيون وِچُ جوانيون، تجلا ڪير جهلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

جيڏيون پيار منو گهٽو، پيڙون ڪير پلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

ڪسندي جهومي سو ڪري، قاتل عشق پلي، ڙي!
منهنجي جان جلي.

آهي ڪو استاد سان، دل جا سور سلي، ڙي!
منهنجي جان جلي ڙي.

○

وائي

ٻاهر ٻاجهه نه ٻول، ايڏي ٽال مٽول!
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

چاڙهي وينو ڇهري تي آن، خولن مٿان خول،
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

ڏاڍي ڪا دلداري ڏي تون، هيسائڻ ٽا هول،
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

ڪرٽي ٽٽي جي قدرت تي ڪر، مون تي ڪر نه ٽٽول،
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان!

ڀڙڪي هوش بڪي ته هي سمجهو، جوين جي ٻجا ٻول،
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

جاتي عشق اگهاڙو تي پئي، ٽاٽي ڍڪجانءِ ڍول!
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

جاڻڻ لاءِ جماندر ٽائين، جاڻ نه ڇوڙي ڇول،
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

عشق چوي استاد ٱلاٽيان، سوچ جهلي ساڙول،
تنهنجا ماڻا مان ڇا سمجهان؟

○

وائي

عشق جا مون تي لک احسان!
جهنگل جهنگل جوش ڏنائين!
حسن جا مون تي لک احسان!
محفل محفل هوش ڏنائين!

جت ڪٿ منهنجو سهڻو آهي، جت ڪٿ منهنجو ڄاڻان-
خالق رازق قدرت توتي، عقلي منهنجو آ ايمان-
پاڻي پاڻ سڳورو آهي، نور نسورو آهي نان-
سهڻي دريا سينگاري وئي، سسئي واسيو ڪوهستان-
'دانهن نڌڻڪي داد-ڏئي ري، بانگ نمازيءَ بن ويران-
صدين تائين سڪ جو سعيو، مان بن ڏينهن جو مهمان-
هردم رهه استاد بخاري، تون آن درد تہ تون درمان!
عشق جا مون تي لک احسان،
حسن جا مون تي لک احسان.

○

وائي

گونجي سچ جو گونجارو، آمر جو آ منهن ڪارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

انبر ڇرڪيو ڌرتي ڌڙڪي، ساگر پريو شوڪارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

جن، فرشتا. حيرت وِرتا، حيوانن ۾ هانبارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

تر ٿي تر جي ٿو ڪل لاهي، رت آ رت جو تاسارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

ساهڙ سهڻي ٻوڙي پيو ٿو، سسئي ساڙي ڪوهيارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

ڪوهه منو ٿي ڪارو پيو ڙي، دلبر ٿي پيو ڏوڏارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

زور زبر لاهيارا ٿي پيا، لهر بحر ۾ لاٻارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

ڏينهن ڏٺي جو سورج سامهون، آيو ايڏو انڌارو!!
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

رند تہ رند ٿي هوندو آهي، پنڌِ هجي يا پيجارو،
ماٺهوءَ ڪي ٿو ماٺهو ماري.

هاڻ ٻہ ماڻهو آهہ ڪنو ويٺو، تو پارو يا مون پارؤ،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماري.

جهد ٻخاري جوڙي وجهندو، ذوش ڏلارو ٻسوپارو،
ماڻهوءَ کي تو ماڻهو ماڙي.

○

وائي

پڪڙي پاهه بوا، کهڙي آهه دوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

مائون مينٺ وڪوڙيون، ٻارن پيٽ ٻوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

پيلهون پوڻ جيان پريا، چارين منجهه چوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

گهر گهر آهه گرو ڪيو، ميري آب هوا،
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

ڪهڙو ترت علاج آ، سعيي سرت سوا!
ڪوڪي لوڪ، حڪيمو!

○

وائي

پنهنجو پاڻ پڇاڻ،
پنهنجي جاءِ سڃاڻ،

ساڃه آهي سڀ جي.

جرڪي ڄاڻ جهان جي، سعيو چاڙهه سراڻ.
ماهر مڃ مُهَندَسي، منڊيو جنهن ماڻڊاڻ.*
آئينو جيئن عڪس ري، توبن آهُ آڄاڻ.
اپ روحاڻو آشيان، پوڻ ۽ اباڻو ياڻ.
سوئي ناهن لوهه مان، پريو ڪنهن مان ٻاڻ؟
سنڌي، هندي، يورپي، حبشي، عرب، پٺاڻ.
صبح جهومئين سنگ ۾، سانجهي ۽ ڇاٿي ڇاڻ.
پنڌو گهاٽي پيڙيو، هر پاسي هڳساڻ.
سات بخاري سونهندو، سهٽي ساڄن ساڻ!

○

* مُهَندسي = وڏو رياضي دان.

وائي

بعضي باغ بهاري،
بعضي بت ۾ آري،
ڏاڍي ڏکي تنهنجي ياري!

چنبيليءَ جي ٽاريءَ سان گڏ، ماچيسن جي ٽاري.
هڪڙي دم ۾ دهشت، ٻئي ۾ دوست وڏي دلداري.
چانديءَ وانگر ڳاري پڳهاري، ٽريئن جي ڪوٽاري.
منهنجيءَ اک جو انگل پيئان، ساجن صورت ساري.
پاٽيءَ بوڙيو پيار بنايو، آهي بحر بخاري.
○

وائي

جڳ جڳ منهنجا جهول،
ڪائناتون ڪشڪول، يارو!
آءُ وَسُ وارو - آءُ ويچارو!

انبر ٻانو، ڌرتي ڇاتي؛ ٽاٽا ٽاٽا ٽول يارو!
سورج چنڊ ستارا منهنجا، چاهه لڏن چوڏول، يارو!
مون ڪي آ ماحول گهڙيندو، مان ناهيان ماحول، يارو!
صدين سان سرگوشيون منهنجون، پاپائن جا ٻول، يارو!
عرش اڏيو استاد بخاري، چنڊن ۾ چوٻول، يارو!

○

وائي

چمڪن چوٽيءَ ڦِل،

سِڄ چنڊ سهٽي صورت تنهن جا!

اَمبرَ مهري عِشق اِبرَ خِيو؛ جهرمر تارا جهُلَ،
پُرجَهه مِٽان ٻي پُرجَهه ائين جيئن، پل مٿان ٻـي پل،
ڪجهه ٻه ڄجي پر سونهن سڪڻ جا، ڦرجا ڦوندا ڦُل
سچ پچ جڳ جهان سيپيئي؛ مِن جا نا مِن مل.
اوڪاريا استاد جا پيڙا، ڳڏجي عشق عقل.

○

وائي

سچ بچي: اعلان،
ڪڙم ڪري قربان،
مــرد ملهيا ميــدان ۾.

جڳ جڳ جرڪيا لال عليءَ جا، مچيا جڳ جهان.
وڏ ڦڙي ۾ واءُ ڏڪڻ جو، ڪانن ۾ ڪيڪاڻ.
ڪوڙن ۾ سلطان سچارا، توتڙ ۾ طوفان.
پليا دوزخ منجهہ پرن پيا، شوڪارا شيطان.
حق حق تي ايمان مڪمل، بڪ بڪ تي بيمان.
هڙئي حَر حسينيت جا، دودا دريا خان.
سچ سدائين سچ بخاري، انساني ايمان.

○

لوک گیت

لوڪ گيت (لوڪ ڏهن)

ڪوڏر ڪڻ ڪوڏر،
ڪوڏر او ڪوڏر!

منهنجي لوهي آهي ڪوڏر - وهوا!
ساري سوني آهي ڪوڏر - وهوا!
هيرا موتي آهي ڪوڏر - وهوا!
ڪوڏر او ڪوڏر ....

نالو ڪوٺي ٿي ڪوڏر - شپ، شپ، شپ!
پاٿي چوڙي ٿي ڪوڏر - شپ، شپ، شپ!
ٻارو جوڙي ٿي ڪوڏر - شپ، شپ، شپ!
ڪوڏر او ڪوڏر....

پورا ٻند ڪٽي آ ڪوڏر - جلدي جلد آ پاء ڙي!
سومر ساند ڪٽي آ ڪوڏر - ٽڪڙو ٽڪڙو آء ڙي!
راضي رِند ڪٽي آ ڪوڏر - ٽڪڙو ٽڪڙو آء ڙي!
ڪوڏر ڙي ڪوڏر....

منهنجو ڏاڏو ڪوڏاريو ... وهوا!
منهنجو بابو ڪوڏاريو .... وهوا!
هاري هرڪو ڪوڏاريو .. وهوا!
ڪوڏر او ڪوڏر....

ڪوڙر ڪار بخاريءَ جـــي - وهـوا!
ڪوڙر هاريءَ ناريءَ جـي - وهـوا!
ڪوڙر سنڌڙيءَ ساريءَ جي - وهوا!
ڪوڙر او ڪوڙر....

○

لوڪ گيت

ٿي ويو ڪائنياٽيءَ جو شور،
ڳوڙهو منهنجو زوران زور،

هور پلو، هور!

اوهيو وهيو وينو ٽٽي،
هوڏانهن هيڙهو لٽو ٽٽي،
لڪو ڇيهو آهي چور.

هور، وهيو، هور

ڪوئي جيڏو جنهنجو پيهو،
ڏاڪو ڏاڪو چڙهو ويهو،
ڪاٿو آيون، مانيءَ پور.

هور وهيو هور

جهومي پوڪ بخاري ٿي،
جوئر ٻاجهر ساري ٿي،
جهڙ ۾ جهومي ٿو جيئن مور.

هور وهيو هور

○

لوڪ گيت

چيٽ ٽو پڇي، ريٽو رنگ ٽو رڇي،
منو روٽ ٽو پڇي، ڳاڙهو ٻوڙ ٽو رجهي.
او! ننڊيو وڏو ميڙ ڪري ٽو مڇي، وطن جو.

ڪٽڪ پڇي پئي ملڪ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پڇي، ڳاڙهو ٻوڙ ٽو رجهي ...

مڪئي پڇي پئي ماڳ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پڇي، ڳاڙهو ٻوڙ ٽو رجهي ...

ساري پڇي پئي لاڙ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پڇي، ڳاڙهو ٻوڙ ٽو رجهي ...

جوئر پڇي پئي جوءِ ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پڇي، ڳاڙهو ٻوڙ ٽو رجهي ...

ٻاجهر پڇي پئي ڪاڇي ۾، سنگ سنگ جهومي،
ڪٽو ڪٽو ڪيچ ٽيندو، داٽو داٽو ڪوڙ ٽيندو،
منو روٽ ٽو پڇي،
ڳاڙهو ٻوڙ ٽو رجهي.

○

لوڪ گيت

ڪَتڪ لابارو لابارو پئي ڪري،
ڪوئلي بيٺو بارو بارو،
آئو ڪريو يارو وارو!
ڪتڪ لابارو لابارو پئي ڪري.

او! ڏسيو بهاري چيٽ جي، ديس جي دلڙي ٺري،
ڪتڪ لابارو لابارو پئي ڪري.

او! ويجهو پنهنجي پوک آ- پنڌڙو ناهي پري،
ڪتڪ لابارو لابارو پئي ڪري.

او! ڪتڪ جي ماني مٺي، ساھ ٺئي توريءَ سري،
ڪتڪ لابارو لابارو پئي ڪري.

او! پونءِ بخاريءَ جي پلي، پاڳ وندي، جهوليون پري،
ڪتڪ لابارو لابارو پئي ڪري.

○

لوڪ گيت

اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
اچيون اچيون ڦٽيون چونڊيون!
ڦٽيون چونڊيون جيڏيون!
ڳايون جهومون جيڏيون!
وٺن جيڏا پنهنجا ووڻ،
هيڏان هوڏانهن پنهنجا ووڻ،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
ڳاڙها، نيلا، پيلا، چولا،
سونهري چمڪيلا چولا،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
ڪانبو ڪانبو تي ويو ڏير،
ڏاڍو ڏنگو مٺهنجو ڏير،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
هو جو پورو بادلڙو،
جهڙو بخاري جانيڙو،
اچو، جيڏيون ڦٽيون چونڊيون!
ڳايون جهومون جيڏيون!

○

لوڪ گيت

همرڇو ڙي همرڇو!
لاباري تي اڇو، اڇو!
زالين مڙسين مڇو مڇو!
همرڇو ڙي همرڇو!!

جيڏان ڪيڏان لابارا،
هيڏان هوڏان لابارا،
ٻوڙي ٻوڙي، پهچو پهچو!
همرڇو ڙي همرڇو!!

ڏنب ڏنبان دهلاري،
پوڪاري ٿي توتاري،
جهومو، ڳايو، نچو، نچو!
همرڇو ڙي همرڇو!!

جوئر ٻاجهر، ڪاچي تر ۾،
ساريون سي سارياليءَ تر ۾،
ڪٽڪون پڪيون پڪو ڪچو،
همرڇو ڙي همرڇو!!

هٽ ۾ ڏاٽا اوچا ڳاٽا،
ڪانڌيرا ڪر ڪاٽا ڪاٽا،
ڏور بخاري ڪريون ڏچو!
همرڇو ڙي همرڇو!!

○

لوڪ گيت

هو هو ڳاھہ ڳلهي ملهي،

ررر ررر ررر

هاري ڏاند هلي ملهي،

بگو مُنهنجو بلي،
ڪنڊو منهنجو بلي،
ڪڪڙو منهنجو بلي!
هلي ملهي ڳاھہ ڳلهي.
تکر جيڏو ٿيڙهو،
وسي منهنجو ويڙهو،
وسي منهنجو ويڙهو ڙي،
هلي ملهي ڳاھہ ڳلهي.
جبل جيڏو ڍيرو،
متان پجين پيرو،
متان پجين پيرو ڙي!
هلي ملهي ڳاھہ ڳلهي.
تکو تپي جهولو،
اجهو نکو اولو،
اجهو نکو اولو ڙي!
هلي ملهي ڳاھہ ڳلهي،
هاري ڏاند هلي ملهي.

○

نظم

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو،
گهرا گهرا گهاوَ جهليندو،
سطحي سطحي ملم مکيندو–
هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

هڪڙي ڏڪاريو ٻئي ڌُتڪاريو،
دردونديءَ کي ڪنهن نه پڪاريو،
هن ڪان سٽجي،
هن ڪان ڪٽجي،
ڪنهن ڏي تڪيندو،
هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

ڪو مسجد ڪو مئخاني سان،
ڪو بازر، ڪو ويراني سان،
ڪو تسبيءَ سان،
ڪو ٽي.ويءَ سان،
آهي روح رليندو–
هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

هڪڙي دل جي دؤنس ستايس،
۽ ٻيو ڪر جي ڪؤنس ستايس،
جيڪو ڏڪبو،
ڏڌبو ڏنيبو،
ٻئي کي ڏڪيندو-

هرڪو وتي ٿو وقت ڪٽيندو.

اڄ ڪلهہ تون دلچور لڳين ٿو.
اٽڪل سان استاد وتين ٿو،
گيت غزل ۾،
ميڙ متل ۾،
سور سليندو-

هرڪو وتي ٿو وقت ڪنيندو.

○

ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي

ڪڏڻو پڏڻو، لڪڻو ڇنڀڻو، ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي،
منهن تي ملير ۽ اک ۾ ڪلفٽن، ڪڇ ۾ ڪاڇا ڪنيون ٿو وٽي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي.

سچ پچ ماڻهو سيڪي آهي،
ڦنڪي، مصري، ماڪي آهي،
گڻ، اوگڻ جو پتلو ماڻهو، راشا خاشا ڪنيون ٿو وٽي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي.

جنهن کي چاهي سو ڀڳوان آ،
جنهن کي نہ چاهي سو شيطان آ،
پنهنجي چاهت پنهنجا چشما، پنهنجا ڪاڇا ڪنيون ٿو وٽي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي.

هي تي شمع ٻري شابس ٿس،
هي جو جيت جلي پيو جس ٿس،
ڏس! هو جلوو ڏس، هي جذبو! جٺرا لاشا ڪنيون ٿو وٽي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي.

هو جو ڪبوتر ٿو ڪوڻائي،
امن ٿو پائي، امن ٿو ڪائي،
تنهن کان جهولي ڪو ڪولائي، ٻڪيا ٻاشا ڪنيون ٿو وٽي.
ماڻهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وٽي.

Soorih Mirani

اولمپڪ ۾ راند رچائي،
هوڏهن جڳ ۾ جنگ مچائي،
ماتم ميلا رت جا ريلا، ڪوڙ تماشا ڪنيون ٿو وتي.
ماٺهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

ننڍهن تي نانگ نچائڻ وارو،
سهسين سانگ رچائڻ وارو،
آءٌ تہ ڏسون هي دوُر بخاري! ڪوڙ تماشا ڪنيون ٿو وتي.
ماٺهو ڇا ڇا ڪنيون ٿو وتي.

○

هي شعر نرالا

هن دؤر نرالي جا، سيئي طور نرالا
هي شعر نرالا.

هڪ تانگهہ تتي- ريت لتاڙي پٿي ڏهاڙي،
چالا چا اٿس پير ۾، ڇڻ باهہ ۾ پيالا.
هي شعر نرالا.

تي وقت ونڊايا ۽ پڙهيا ديس جي ڌرتيءَ،
طوفان ها مضمون ۽ ڀونچال مقالا.
هي شعر نرالا.

هن شهر جي تهذيب، تمدن تي تعجب!
ماحول ۾ ماتم، تہ جلسن ۾ جمالا.
هي شعر نرالا.

دم کھڙو سياست ۾ يا ساهت ۾ پوي جو،
ڪردار تہ مردار ها، ها لفظ جيالا.
هي شعر نرالا.

مشڪل جو ٻڏي هوڏ، تہ حيلو پيو پگھرجي،
حيلن نہ ڇڏي هوڏ، تہ مرڪي پيا ڪشالا.
هي شعر نرالا.

ٽلٽي ڪان پو، ڪرڙي ڪان پو، ٽوڙي هي مهاڏا،
هي جهد جيالي جي تسلسل جا حوالا.
هي شعر نرالا.

هر نظم، بخاري هو بيابان ۾ خيابان،
هر لفظ قدم هو ۽ قدم هو گُلِ لالا.
هي شعر نرالا.

○

ڳول ڳجهارت

توسان گڏجي جهومي هوندي،
توکان وڇڙي تڙپي هوندي،
ڇڻ تہ ڪپر تي ڪرڙي هوندي!
ڳول ڳجهارت: هي شئي ڪهڙي؟
مُنهنجي دردي دلڙي هوندي.

عيد ڏهاڙي دهل وڄي پيو،
خوشبو ڳائي واءُ نچي پيو،
هوءَ پٽي لچندي رئندي هوندي!
ڳول ڳجهارت هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي.

مارئيءَ سان گڏ ڪوٽ ڪٽي پئي،
سهڻيءَ سان گڏ سير ٽپي پئي،
سسئيءَ سان گڏ سهڪي هوندي!
ڳول ڳجهارت ،هيءَ شئي ڪهڙي؟
مُنهنجي دردي دلڙي هوندي.

گوليون ڪڙڪيون ٽوڙيءَ ڏاري،
مارو ڦٿيا موريءَ ڏاري،
هوءَ ڪٽ ڦٿجي ٽٽڪي هوندي!
ڳول ڳجهارت، هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي.

Soorih Mirani

هڪڙو وڏيري ظالم ڏاران،
۽ ٻيو ڪوڙي، عالم ڏاران،
هڙني جي همدردي هوندي!
ڳول بخاري! هيءَ شئي ڪهڙي؟
منهنجي دردي دلڙي هوندي.

○

Soorih Mirani

ڪوڪيئن ڳائي!

تڙپڻ تن ۾، ڪوڪون ڪن ۾، هرڪو هائي هائي!!
ڪو ڪيئن ڳائي!

گوليون– ڇيريون شور مچي پيو،
دگ تي ننگو موت نچي پيو،
دهشت دهل وڄائي–
ڪو ڪيئن ڳائي،

رهبر ٽاٽا شهر ڪپائي،
بازر باهه ۽ زهر ڪپائي،
ماتم عيد مچائي–
ڪو ڪيئن ڳائي!

"پرنس" پنهن ۾ ناٽ "نڪولو"
خودغرضيءَ جو ٻانهو گولو،
پيو تو پاپ پڙهائي–
ڪو ڪيئن ڳائي!

ڏاڍو گابو، ڏاڍو بابو،
پئسو قبلو پئسو ڪعبو،
ديس پيو ڌهرائي–
ڪو ڪيئن ڳائي!

ڪوڙ ڪڪر جا ڪڙڪن ٽا پيا،
سچ ڪِنوڻ چان. تڙپن پيا ٽا،
موسم ڏنڊ وَسائي-
ڪو ڪيئن ڳائي.

سِڌ جي دل ۾ سَل ٿي پياهِنِ،
گيت لُهو ڏئي شل ٿي پياهِنِ،
فڪر وڏئون ڦتڪائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

ديس بخاري باهه ڦڪي پيو،
باهه ڦڪي پو باهه ڪڏي پيو،
شعلا پيو ڦهڪائي-
ڪو ڪيئن ڳائي!

○

- غلام جانڊيو، دادو ضلعي جو هڪ ننڍو ڳوٺ آهي. هتي جي سرن ۽ ڪاٺين جي ہوٺن ڪي پنهنجي سونهن آهي. ساوا ڪيت، ڪنگوءَ جون ڪڪوريل ڏاريون، ٻيرن ۽ نمن جو ٻور، ٽالهين جون ڇانئون، مال جي چرڻ ۽ لاڙ جي موسيقي، رات جي خاموشيءَ ۾ اُن جي جنگهن ۾ ٻڌل گهنگهرن جو آواز، جنن جا ورلاپ- استاد بخاريءَ سونهن جي انهيءَ سنسار ۾ جنم ورتو. ڪنهن کي خبر هئي تہ امڙ اُمراءِ جو اهو احمد شاھ، جيڪو اسڪول ڪان موٽندي، ڦرهي ۽ ڪتاب ڪڇ ۾ ڪنيو، ٻاٽي ٻوليءَ ۾ ٻاراڻو گيت "منهنجي امڙ، منهنجي امڙ" جهونگاري پيو، سو وڏو ٿي سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سجاڳيءَ ٻٽيو! عظمت جو اهو منارو ٻٽيو، جنهن جي روشنيءَ ۾ ايندڙ نسل پنهنجو رستو ڳولي منزل ڏانهن وڌندو! سندس قلم مان گلاب ڦٽندا ۽ سندس گيتن جي خوشبوءِ ڪل گڏري وانگر واٽهڙن جا روح واسيندي!
- سندس شاعريءَ جي البم ۾ ڏيهن سان ڏڪيل پيچري ڪان وٺي، اَڪن جي ڦلڙين، ڪنول جي گلن، درياهہ جي لڙائيل پاڻيءَ ۾ ترندڙ ٻيڙين جي اڇن سڙهن ڪي ڇهندڙ چنڊ جا عڪس، پورهيت جي پگهر جي خوشبوءِ ۽ محبوب جي مُرڪن جي مهڪار سمايل آهي.

(آفاقي آواز بخاري تان کنيل)

A Roshni Book
Poetry
Pakistan. Rs

استاد بخاري

روشني پبليڪيشن

سورھ سنڌي ادب

Soorih Sindhi Adab

صاحب خان ·سورھ· ميراڻي

Cell No: 0344 3919786
0300 3404488